# القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمه الله

لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبدالكريم قريشي رحمه الله

بير شريف

وَإِذَا سَمِعُوا مَا أُنْزِلَ إِلَى الرَّسُولِ تَرَى أَعْيُنَهُمْ تَفِيضُ

۽ جڏهن ٻڌن ٿا جيڪو نازل ڪيو ويو رسول تي ڏسندين اکيون انهن جون وهائينديون

۽ جيڪي پيغمبر ڏانهن لاٿو ويو سو، جڏهن ٻڌندا آهن تڏهن ڏسندين اکين کي اِنهيءَ سببان جو سچ

مِنَ الدَّمْعِ مِمَّا عَرَفُوا مِنَ الْحَقِّ ۚ يَقُولُونَ رَبَّنَا آمَنَّا فَاكْتُبْنَا

ڳوڙها هن ڪري جو سڃاتائون ڪجهه حق، چون ٿا اي رب اسان جا ايمان آندوسون پوءِ لک اسان کي

کي سڃاتائون ڳوڙها ڳاڙيندو ڏسندين، چوندا آهن ته اي اسان جا پالڻهار! ايمان آندوسون تنهن ڪري اسان کي

مَعَ الشَّاهِدِينَ ﴿٨٣﴾ وَمَا لَنَا لَا نُؤْمِنُ بِاللَّهِ وَمَا جَاءَنَا مِنَ

گڏ شاهدن سان. ۽ ڇا ٿيو آهي اسان کي جو نه مڃون هڪ الله کي ۽ ان کي جيڪو پهتو اسان وٽ

شاهدن ۾ لک. ۽ اسان کي ڇا (ٿيو) آهي؟ جو الله کي ۽ جيڪي اسان وٽ سچ (يعني قرآن) آيو تنهن کي

الْحَقِّ وَنَطْمَعُ أَنْ يُدْخِلَنَا رَبُّنَا مَعَ الْقَوْمِ الصَّالِحِينَ ﴿٨٤﴾

حق ۽ اميد ڪريون ٿا ته داخل ڪندو اسان کي اسان جو پالڻهار گڏ قوم صالحن جي سان.

هن هوندي به نه مڃيون جو اميد ٿا رکون ته اسان جو پالڻهار اسان کي صالحن جي ٽوليءَ سان (گڏي بهشت ۾) داخل ڪندو.

فَأَثَابَهُمُ اللَّهُ بِمَا قَالُوا جَنَّاتٍ تَجْرِي مِنْ تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ

پوءِ بدلي ۾ ڏنا انهن کي الله سندن ان چوڻ تي باغ وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون

پوءِ جيڪي چيائون تنهن سببان الله کين بهشت ڏنو جنهن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن،

خَالِدِينَ فِيهَا ۚ وَذَٰلِكَ جَزَاءُ الْمُحْسِنِينَ ﴿٨٥﴾ وَالَّذِينَ كَفَرُوا

هميشه اتي رهندا، ۽ اهو بدلو آهي چڱائي ڪندڙن جو. ۽ جن ڪفر ڪيو

منجهس سدائين رهڻ وارا آهن، ۽ اِهو ڀلارن جو بدلو آهي. ۽ جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي

وَكَذَّبُوا بِآيَاتِنَا أُولَٰئِكَ أَصْحَابُ الْجَحِيمِ ﴿٨٦﴾ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا

۽ ڪوڙو ڪيائون اسان جي آيتن کي اهي ئي آهين دوزخي. اي ايمان وارو!

ڪوڙو ڀانيو اهي دوزخي آهن. اي ايمان وارو! جيڪي پاڪ شيون الله اوهان لاءِ

لَا تُحَرِّمُوا طَيِّبَاتِ مَا أَحَلَّ اللَّهُ لَكُمْ وَلَا تَعْتَدُوا ۚ إِنَّ اللَّهَ

نه حرام ڪريو اهي سٺيون شيون جيڪي حلال ڪيون الله توهان لاءِ ۽ نه حد کان لنگهو. بيشڪ الله

حلال ڪيون آهن سي حرام نه بڻايو ۽ نڪي حد کان لنگهو. جو ته الله حد کان لنگهندڙن کي

لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِينَ ﴿٨٧﴾ وَكُلُوا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللَّهُ حَلَالًا طَيِّبًا

نه تو پسند ڪري حد کان لنگهندڙن کي. ۽ کائو انهيءَ مان جيڪي ڏنو توهان کي الله حلال پاڪ

دوست نه رکندو آهي. ۽ جيڪي الله اوهان کي پاڪ حلال رزق ڏنو آهي تنهن مان کائو ۽ اُن الله کان ڊڄو

وَّاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ اَنْتُمْ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ ﴿٨٨﴾ لَا يُؤَاخِذُكُمُ اللّٰهُ

۽ ڊڄو اللہ کان جنهن تي اوهين ايمان رکندڙ آهيو. نہ وٺ کندو توهان کي اللہ

جنهن کي اوهين مڃيندڙ آهيو. اللہ اوهان جي اجاين قسمن کڻڻ ۾ اوهان کي نہ پڪڙيندو

بِاللَّغْوِ فِيْٓ اَيْمَانِكُمْ وَلٰكِنْ يُّؤَاخِذُكُمْ بِمَا عَقَّدْتُّمُ الْاَيْمَانَ ۚ

توهان جي اجاين قسمن کڻڻ ۾ ۽ پر پڪڙيندو توهان کي انهن قسمن تي جن تي ڳنڍ ٻڌي اٿو.

پر جيڪي قسم اوهان پڪي نيت سان کنيا تنهن سببان اوهان کي وٺ کندو، پوءِ اُن جو ڪفارو

فَكَفَّارَتُهٗٓ اِطْعَامُ عَشَرَةِ مَسٰكِيْنَ مِنْ اَوْسَطِ مَا تُطْعِمُوْنَ

پوءِ ان جو ڏنڊ آهي کاڌو کارائڻ ڏهن غريبن کي وچٿرو جيڪو کارائيندا آهيو

وچٿرو (کاڌو) جيڪي پنهنجي عيال کي کارائيندا آهيو تنهن مان ڏهن مسڪينن کي کاڌو ڏيڻ آهي

اَهْلِيْكُمْ اَوْ كِسْوَتُهُمْ اَوْ تَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ ۭ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ

پنهنجن پاتين کي يا ڪپڙو ڍڪائڻ انهن کي يا آجو ڪرڻ ٻانهو، پوءِ جيڪو نہ لهي پوءِ روزا

يا کين ويس. ڍڪائڻ يا ٻانهو آجو ڪرڻ (جڳائي)، پوءِ جيڪو نہ لهي تہ ٽي ڏينهن

ثَلٰثَةِ اَيَّامٍ ۭ ذٰلِكَ كَفَّارَةُ اَيْمَانِكُمْ اِذَا حَلَفْتُمْ ۭ وَاحْفَظُوْٓا

ٽن ڏينهن جا، اهو ڪفارو آهي توهان جي قسمن جو جڏهن کڻي ويهو ۽ سنڀالي رکجو

روزو رکڻ لازم آهي، جڏهن اوهين قسم کڻو (۽ پڇو ٽوڙهن) اهو ڪفارو اوهان جي قسمن جو آهي، ۽ پنهنجن قسمن کي

اَيْمَانَكُمْ ۭ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٨٩﴾

پنهنجا قسم، اهڙي طرح ٻڌائي ٿو اللہ توهان کي پنهنجا احڪام جئن توهان شڪر ڪريو.

(ڀڃڻ کان) سرگهو رکو. اهڙيءَ طرح اللہ اوهان لاءِ پنهنجا حڪم بيان ڪندو آهي تہ مَنَ اوهين شڪرانو ڪريو.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّمَا الْخَمْرُ وَالْمَيْسِرُ وَالْاَنْصَابُ وَالْاَزْلَامُ

اي اهي جن ايمان آندو اهو شراب ۽ جوا ۽ پوڄا جا آستانا ۽ ڍارا

اي ايمان وارؤ! شراب ۽ جوا ۽ پوڄا جا آستانا ۽ ڍارا

رِجْسٌ مِّنْ عَمَلِ الشَّيْطٰنِ فَاجْتَنِبُوْهُ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿٩٠﴾ اِنَّمَا

سڀ پليد اٿو ڪم شيطان جا پوءِ پاسيرا ٿيو انهيءَ کان تہ جئن ڇٽي وڃو. رڳو

پليت شيطاني ڪمن مان آهن، تنهن ڪري اوهين کانئن پرهيز ڪريو تہ مَنَ ڇٽو. شيطان جو ارادو

يُرِيْدُ الشَّيْطٰنُ اَنْ يُّوْقِعَ بَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةَ وَالْبَغْضَآءَ فِي الْخَمْرِ

چاهي ٿو شيطان تہ وجهي توهان ۾ دشمني ۽ وير شراب

شراب (پيارڻ) ۽ جوا (کيڏائڻ) ۾ هن کان سواءِ نہ آهي تہ اوهان جي وچ ۾ دشمني ۽ ڪاوڙ وجهي

وَالْمَيْسِرِ وَيَصُدَّكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ وَعَنِ الصَّلٰوةِ ۚ فَهَلْ اَنْتُمْ مُّنْتَهُوْنَ ﴿٩١﴾

۽ جوا جي ڪري ۽ سيڙائي توهان کي الله جي ذڪر کان ۽ نماز کان، ڇا پوءِ توهان روڪجي ويندؤ.

۽ الله جي ياد ڪرڻ کان ۽ نماز کان اوهان کي جهلي، پوءِ (هاڻي بہ) اوهين (نہ) جهلبو ڇا؟.

وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَاحْذَرُوْا ۚ فَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَاعْلَمُوْٓا

۽ حڪم مڃيو الله جو ۽ حڪم مڃيو رسول جو ۽ ڊڄندا رهو، پوءِ جي ڦرندؤ تہ يقين ڪريو

۽ الله جي فرمانبرداري ڪريو ۽ پيغمبر جي فرمانبرداري ڪريو ۽ ڊڄو! پوءِ جيڪڏهن اوهين ڦرندؤ تہ پڪ ڄاڻو

اَنَّمَا عَلٰى رَسُوْلِنَا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿٩٢﴾ لَيْسَ عَلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

رڳو اسان جي رسول تي آهي پيغام ڏيڻ پڌرو. نہ آهي انهن تي جن ايمان آندو

تہ اسان جي پيغمبرن تي رڳو پڌرو پيغام پهچائڻ آهي.جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪر ڪيا تن تي

وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جُنَاحٌ فِيْمَا طَعِمُوْٓا اِذَا مَا اتَّقَوْا وَّاٰمَنُوْا

۽ عمل صالح ڪيا ڪو گناهہ ان ۾ جو کائي چڪا جڏهن اڳتي خوف ڪن ۽ ايمان آڻن

جيڪي (اڳ) کاڌائون تنهن ۾ گناهہ نہ آهي، جڏهن پرهيزگاري ڪيائون ۽ ايمان آندائون ۽ چڱا

وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ثُمَّ اتَّقَوْا وَّاٰمَنُوْا ثُمَّ اتَّقَوْا وَّاَحْسَنُوْا ۗ وَاللّٰهُ يُحِبُّ

۽ ڪم چڱا ڪن وري خوف ڪن ۽ ايمان آڻين پوءِ ڊڄندا رهن ۽ چڱائي ڪن، ۽ الله دوست رکي ٿو

ڪم ڪيائون وري پرهيزگاري ڪيائون ۽ ايمان آندائون وري پرهيزگاري ڪيائون ۽ چڱائي ڪيائون. ۽ الله

ع ١٢ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٩٣﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَيَبْلُوَنَّكُمُ اللّٰهُ بِشَيْءٍ مِّنَ

چڱائي ڪندڙن کي. اي ايمان وارؤ! ضرور آزمائيندو توهان کي الله شڪار جي

ڀلارن کي دوست رکندو آهي.اي ايمان وارؤ! الله ڪنهن شڪار (جي حڪم) سان جنهن کي اوهان جا هٿ يا اوهان

الصَّيْدِ تَنَالُهٗٓ اَيْدِيْكُمْ وَرِمَاحُكُمْ لِيَعْلَمَ اللّٰهُ مَنْ يَّخَافُهٗ بِالْغَيْبِ ۚ

معاملي ۾ جنهن تي پهچن ٿا توهان جا هٿ ۽ توهان جا نيزا جيئن ڄاڻي الله تہ ڪير ڊڄي ٿو ان کان پريٺ،

جا تير پهچن اوهان کي هن لاءِ ضرور پرکيندو تہ الله نکيڙي تہ ڪير ڪانئس پريٺ ڊڄندو آهي؟ پوءِ جيڪو

فَمَنِ اعْتَدٰى بَعْدَ ذٰلِكَ فَلَهٗ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٩٤﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

پوءِ جنهن زيادتي ڪئي ان کان بعد تہ ان لاءِ عذاب دردناڪ آهي. اي اهي جن ايمان آندو

هن کان پوءِ حد کان لنگهندو تنهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي.اي ايمان وارؤ! اوهين احرام (جي حالت) ۾

لَا تَقْتُلُوا الصَّيْدَ وَاَنْتُمْ حُرُمٌ ۗ وَمَنْ قَتَلَهٗ مِنْكُمْ مُّتَعَمِّدًا

نہ ماريو شڪار کي ۽ توهان هجو احرام ۾، ۽ جنهن ماريو ان کي توهان مان ڄاڻي واڻي

شڪار نہ ڪريو، ۽ اوهان مان جنهن ڄاڻي واڻي اُن کي ماريو، پوءِ جيڪي ماريو اٿس

فَجَزَآءٌ مِّثْلُ مَا قَتَلَ مِنَ النَّعَمِ يَحْكُمُ بِهٖ ذَوَا عَدْلٍ مِّنْكُمْ

پوءِ بدلو ڏيڻو آهي جيڪو ماريائين اوترو چوپايو جانور فيصلو ڪندا ان جو ۾ انصاف وارا توهان جا

تنهن جهڙو جانور، جنهن لاءِ اوهان مان ٻه معتبر فيصلو ڪن، سزا لازم آهي. اِها قرباني ڪعبي وٽ

هَدْيًاۢ بٰلِغَ الْكَعْبَةِ اَوْ كَفَّارَةٌ طَعَامُ مَسٰكِيْنَ اَوْ عَدْلُ ذٰلِكَ صِيَامًا

اها سوڪڙي ڪري پهچائبي ڪعبي ڏانهن يا ڏنڊ ۾ ڏيئي خوراڪ غريبن جي يا برابر ان جي روزا

پهچڻي آهي- يا (مٿس سزا) مسڪينن جو کاڌو ڪفارو آهي يا ان جي برابر روزا رکي هن لاءِ ته

لِّيَذُوْقَ وَبَالَ اَمْرِهٖ ؕ عَفَا اللّٰهُ عَمَّا سَلَفَ ؕ وَمَنْ عَادَ فَيَنْتَقِمُ

جيئن چکي سزا پنهنجي ڪئي جي، معاف ڪيو الله جيڪي ٿي گذريو، ۽ جيڪو وري ڪندو ته بدلو وٺندو

پنهنجي ڪم جي سزا چکي، جيڪي اڳي گذريو سو الله معاف ڪيو، ۽ جنهن موٽي (شڪار) ڪيو تنهن کان

اللّٰهُ مِنْهُ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ ذُو انْتِقَامٍ ﴿۹۵﴾ اُحِلَّ لَكُمْ صَيْدُ الْبَحْرِ وَطَعَامُهٗ

الله انهيءَ کان، ۽ الله زبردست آهي بدلي وٺڻ وارو آهي. حلال ڪيو ويو توهان لاءِ شڪار درياءَ جو ۽ کائڻ ان جو

الله بدلو وٺندو ۽ الله زبردست بدلي وٺڻ وارو آهي. درياءَ جو شڪار اوهان لاءِ حلال ڪيو ويو ۽ ان جو کائڻ

مَتَاعًا لَّكُمْ وَلِلسَّيَّارَةِ ۚ وَحُرِّمَ عَلَيْكُمْ صَيْدُ الْبَرِّ مَا دُمْتُمْ

نفعي توهان جي لاءِ ۽ قافلي وارن لاءِ، ۽ حرام ڪيو ويو توهان تي شڪار خشڪي جو جيستائين

اوهان ۽ مسافرن لاءِ نفعي وارو آهي، ۽ جهنگ جو شڪار جيستائين اوهين احرام وارا هجو تيستائين اوهان تي

حُرُمًا ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿۹۶﴾ جَعَلَ اللّٰهُ الْكَعْبَةَ

احرام ۾ آهيو، ۽ ڊڄو الله کان جو انهيءَ ڏانهن گڏ ڪيا ويندؤ. بڻايو الله ڪعبي

حرام ڪيو ويو. ۽ اُن الله کان ڊڄو جنهن ڏانهن گڏ ڪيا ويندؤ. الله تعظيم واري گهر ڪعبي ۽ تعظيم واري مهيني

الْبَيْتَ الْحَرَامَ قِيٰمًا لِّلنَّاسِ وَالشَّهْرَ الْحَرَامَ وَالْهَدْيَ وَالْقَلَآئِدَ ؕ

عزت واري گهر کي ماڻهن جي بقاءَ لاءِ ۽ مهيني عزت واري کي پڻ ۽ قرباني کي ۽ پٽي ٻڌل جانورن کي.

۽ (ڪعبي ڏانهن موڪليل) قربانيءَ ۽ ڪنڌلي ٻڌل جانورن کي ماڻهن لاءِ بقاءَ جو سبب ڪيو.

ذٰلِكَ لِتَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ وَاَنَّ

اهو انهيءَ ڪري جيئن توهان سمجهو ته بيشڪ الله ڄاڻي ٿو جا شيءِ آسمانن ۾ آهي ۽ جا شيءِ زمين ۾ آهي ۽ بيشڪ

اِهو (هن لاءِ) ته اوهين ڄاڻو ته جيڪي آسمانن ۾ ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو بيشڪ الله ڄاڻندو آهي ۽

اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۹۷﴾ اِعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ وَاَنَّ اللّٰهَ

الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. يقين ڪريو ته الله سخت عذاب ڪندڙ آهي ۽ بيشڪ الله

الله سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. ڄاڻو ته الله سخت سزا ڏيندڙ آهي ۽ (هي ٻه ته) الله بخشڻهار مهربان آهي.

غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٩٨﴾ مَا عَلَى الرَّسُوْلِ اِلَّا الْبَلٰغُ ؕ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تُبْدُوْنَ
بخشڻھار مهربان آهي. ناهي رسول تي مگر پيغام پهچائڻ ۽ الله ڄاڻي ٿو جيڪي ظاهر ڪريو ٿا
پيغمبر تي رڳو پيغام پهچائڻ آهي، ۽ جيڪي پڌرو ڪندا آهيو ۽ جيڪي لڪائيندا آهيو (سو سڀ) الله ڄاڻندو آهي.

وَمَا تَكْتُمُوْنَ ﴿٩٩﴾ قُلْ لَّا يَسْتَوِى الْخَبِيْثُ وَالطَّيِّبُ وَلَوْ اَعْجَبَكَ كَثْرَةُ
۽ جيڪي لڪايو ٿا. چؤ ناهي برابر پليد ۽ پاڪ جيتوڻيڪ وڻي توکي گھڻائي
(اي پيغمبر!) چئو ته، پليت ۽ پاڪ برابر نه آهن، جيتوڻيڪ پليت جي گھڻائي توکي زياده وڻي،

ع ١٣ اَلْخَبِيْثِ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ يٰاُولِى الْاَلْبَابِ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿١٠٠﴾ يٰاَيُّهَا
پليد جي، پوءِ ڊڄو الله کان اي مغز وارو جئن ڪامياب ٿيو. اي
پوءِ اي عقل وارو! الله کان ڊڄو ته مَنَ اوهين ڇٽو. اي ايمان وارو! انهن شين بابت

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَسْـَٔلُوْا عَنْ اَشْيَآءَ اِنْ تُبْدَ لَكُمْ تَسُؤْكُمْ ۚ وَاِنْ
ايمان وارؤ! نه پڇو گھڻيون ڳالهيون جي اهي ظاهر ڪجن توهان لاءِ ته بُريون لڳنديون ۽ جي
سوال نه ڪريو جن جي حقيقت جيڪڏهن اوهان تي پڌروي ڪئي وڃي ته اوهان کي ڏکي لڳي ۽ جيڪڏهن قرآن

تَسْـَٔلُوْا عَنْهَا حِيْنَ يُنَزَّلُ الْقُرْاٰنُ تُبْدَ لَكُمْ ؕ عَفَا اللّٰهُ عَنْهَا ؕ وَاللّٰهُ
پڇندؤ انهن بابت جنهن وقت نازل ٿي رهيو آهي قرآن ته اُهي ظاهر ڪبيون توهان تي، معاف ڪيو الله اهو گناه ۽ الله
لهڻ مهل اُن بابت سوال ڪريو ته اوهان لاءِ پڌرو ڪيو ويندو. انهن (سوالن) کان الله اوهان کي معافي ڏني ۽ الله

غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿١٠١﴾ قَدْ سَاَلَهَا قَوْمٌ مِّنْ قَبْلِكُمْ ثُمَّ اَصْبَحُوْا بِهَا
بخشيندڙ بردبار آهي. بيشڪ سوال ڪيا اهڙا هڪ قوم جا اڳي هئي توهان کان پوءِ اهي ٿري ٿيا ان جا
بخشڻھار بردبار آهي. بيشڪ هڪ قوم اوهان کان اڳ اهڙين (ڳالهين) جو سوال ڪيو هيو (پر سمجهائڻ تي)،

كٰفِرِيْنَ ﴿١٠٢﴾ مَا جَعَلَ اللّٰهُ مِنْۢ بَحِيْرَةٍ وَّلَا سَآئِبَةٍ وَّلَا وَصِيْلَةٍ وَّ
انڪاري. نه بڻائي آهي الله ڪا بحيره ۽ نه سائبه ۽ نه وصيل ۽
وري اُن جا، ٿري منڪر ٿيا. الله نڪي بحيره ۽ نڪي سائبه ۽ نڪي وصيله ۽ نڪي حام مقرر

لَا حَامٍ ۙ وَّلٰكِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ ؕ وَاَكْثَرُهُمْ
نڪو حام پر جن ڪفر ڪيو اهي گھڙين ٿا الله تي ڪوڙ، ۽ گھڻا انهن مان
ڪيو آهي پر ڪافر الله تي ڪوڙ ٻڌندا آهن، ۽ منجهانئن گھڻا نه ٿا سمجهن.

لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿١٠٣﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ تَعَالَوْا اِلٰى مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَاِلَى الرَّسُوْلِ
نه ٿا سمجهن. ۽ جڏهن ڪين چئجي ٿو ته اچو ان ڏانهن جيڪي نازل ڪيو الله ۽ اچو رسول ڏانهن
۽ جڏهن کين چئبو آهي ته جيڪي الله لاٿو آهي تنهن ڏانهن ۽ پيغمبر ڏانهن اچو (تڏهن) چوندا آهن ته جنهن

قَالُوْا حَسْبُنَا مَا وَجَدْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا ؕ اَوَلَوْ كَانَ اٰبَآؤُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ

چون ٿا كافي آهي اسان كي اهو جنهن تي لڌوسون پنهنجن ابن ڏاڏن كي، ڇا توڻي جو انهن جا ابا ڏاڏا نه ڄاڻندا هجن

تي پنهنجن ابن ڏاڏن كي (هلندو) ڏٺوسون سو اسان لاءِ كافي آهي، جيتوڻيك سندن ابا ڏاڏا كجهه نه ڄاڻندا هئا

شَيْـًٔا وَّلَا يَهْتَدُوْنَ ﴿١٠٤﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا عَلَيْكُمْ اَنْفُسَكُمْ ۚ لَا يَضُرُّكُمْ

كجهه ۽ نكي سڌي راهه تي هجن. اي اهي جن ايمان آندو توهان بچايو سِرَ پنهنجا، نه نقصان ڏيندو توهان كي

۽ نكي هدايت وارا هئا؟. اي مؤمنو! اوهين پنهنجن نفسن جي كريو، جڏهن اوهين هدايت وارا ٿيو تڏهن اُهو اوهان كي

مَّنْ ضَلَّ اِذَا اهْتَدَيْتُمْ ؕ اِلَى اللّٰهِ مَرْجِعُكُمْ جَمِيْعًا فَيُنَبِّئُكُمْ

جيكو به گمراهه ٿيو جڏهن توهان هدايت وارا آهيو، الله ڏانهن موٽڻ آهي توهان سڀني جو پوءِ اهو خبر ڏيندو توهان كي

نقصان نه رسائيندو جيكو ڀُلو. الله ڏانهن اوهان مڙني جو موٽڻ آهي، پوءِ جيكي اوهين كندا آهيو

بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٠٥﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا شَهَادَةُ بَيْنِكُمْ اِذَا حَضَرَ

جيكي توهان كندا هئا. اي ايمان وارؤ! شاهدي توهانجي وچ ۾ جڏهن اچي ٿو

تنهن جي اوهان كي سُڌ ڏيندو. اي ايمان وارؤ! جڏهن اوهان مان كنهن كي موت ويجهو ٿئي ته وصيت كرڻ

اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ حِيْنَ الْوَصِيَّةِ اثْنٰنِ ذَوَا عَدْلٍ مِّنْكُمْ اَوْ اٰخَرٰنِ

توهان مان كنهن تي موت وصيت جي وقت ٻه ماڻهو هجن سچا توهان مان يا ٻه ٻيا

مهل ٻه معتبر شاهد كريو جي اوهان (مسلمانن) مان هجن يا اوهان كان سواءِ ٻيا (يعني غير قوم جا) هجن

مِنْ غَيْرِكُمْ اِنْ اَنْتُمْ ضَرَبْتُمْ فِى الْاَرْضِ فَاَصَابَتْكُمْ مُّصِيْبَةُ

توهان جي غيرن مان جيكڏهن توهان سفر كيو ملك ۾ پوءِ پهچي توهان كي تكليف

(اهو تڏهن) جيكڏهن اوهين ملك ۾ مسافر هجو، پوءِ اوهان كي موت جي مصيبت پهچي، جيكڏهن (اوهين

الْمَوْتِ ؕ تَحْبِسُوْنَهُمَا مِنْۢ بَعْدِ الصَّلٰوةِ فَيُقْسِمٰنِ بِاللّٰهِ اِنِ

موت جي، جهليو انهن ٻنهي كي نماز كان بعد پوءِ اهي ٻئي قسم كڻن الله جو جي

سندن گواهي ڏيڻ ۾ كي) شك ركو ٿا ته (وچينءَ) نماز كان پوءِ اوهين ٻنهي كي جهليو پوءِ اُهي (ٻئي) الله جو

ارْتَبْتُمْ لَا نَشْتَرِىْ بِهٖ ثَمَنًا وَّلَوْ كَانَ ذَا قُرْبٰى ۙ وَلَا نَكْتُمُ شَهَادَةَ اللّٰهِ

توهان كي شك پوي (چون ته) نه ٿا وٺون ان تي كا رقم توڙي هجي مائٽ ۽ نه لكائيندا سون شاهدي الله جي

قسم كڻي (چون ته)، توڻيجو مائٽ هوندا، ته به اسين قسم جي عيوض كا ٻها نه وٺنداسون ۽ نكي الله جي (حكم واري) شاهدي لكائينداسون

اِنَّاۤ اِذًا لَّمِنَ الْاٰثِمِيْنَ ﴿١٠٦﴾ فَاِنْ عُثِرَ عَلٰۤى اَنَّهُمَا اسْتَحَقَّاۤ اِثْمًا

بيشك اسين ان وقت ڏوهارين مان آهيون. پوءِ جيكڏهن خبر پئي ته اهي ٻئي ٿيا آهن ڏوهي

جي لكائي سون) ته اتي جو اتي گنهگارن مان ٿينداسون. پوءِ جيكڏهن معلوم ٿئي ته اُهي ٻئي گناهه جوڳا ٿيا، ته

فَاٰخَرٰنِ يَقُوْمٰنِ مَقَامَهُمَا مِنَ الَّذِيْنَ اسْتَحَقَّ عَلَيْهِمُ الْاَوْلَيٰنِ

پوءِ ٻه ٻيا شاهد بيهن انهن جي عوض انهن مان جن جو حق ڦٻايو ٿيو ٻه ويجها مائٽ

جن جي مال تي ٻئي حق رکيو آهي تن جي ويجهي مائٽيءَ وارن مان ٻيا ٻه ڄڻا انهن جي بجاءِ اُٿن پوءِ الله

فَيُقْسِمٰنِ بِاللّٰهِ لَشَهَادَتُنَآ اَحَقُّ مِنْ شَهَادَتِهِمَا وَمَا اعْتَدَيْنَآ ۖ

پوءِ اهي قسم کڻندا الله جو ته اسان جي شاهدي وڌيڪ سچي آهي انهن ٻنهي جي شاهدي کان ۽ اسين حد کان نه لنگهيا آهيون

جو قسم کڻي چون ته "انهن ٻنهي جي شاهديءَ کان اسان جي شاهدي وڌيڪ سچي آهي ۽ حد کان نه لنگهنداسون

اِنَّآ اِذًا لَّمِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٠٧﴾ ذٰلِكَ اَدْنٰٓى اَنْ يَّاْتُوْا بِالشَّهَادَةِ عَلٰى

ان وقت اسين ظالمن مان ٿيون ها. اهو ويجهو آهي ته ڏين شاهدي جئن جو

نه ته اتي جو اتي ضرور ظالمن مان ٿينداسون." اِهو (حڪم هن ڳالهه ڪي) ويجهو آهي ته اهي (وصي ماڻهو) سچي

وَجْهِهَآ اَوْ يَخَافُوْٓا اَنْ تُرَدَّ اَيْمَانٌۢ بَعْدَ اَيْمَانِهِمْ ۭ وَاتَّقُوا اللّٰهَ

آهي يا ڊڄن ته متان موٽائجن قسم هنن جي قسمن کان پوءِ، ۽ ڊڄو الله کان

ڳالهه جي شاهدي ڏيڻ يا پنهنجن قسمن کڻڻ کان پوءِ قسم جي رد ٿيڻ کان ڊڄن. ۽ الله کان ڊڄو ۽ (هي حڪم دل سان) ٻڌو!

وَاسْمَعُوْا ۭ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿١٠٨﴾ ع يَوْمَ يَجْمَعُ اللّٰهُ

۽ حڪم ٻڌو، ۽ الله نه ٿو هدايت ڪري بي دينن کي. جنهن ڏينهن گڏ ڪندو الله

۽ الله بي دين قوم کي سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي. (ياد ڪر!) جنهن ڏينهن الله سڀني پيغمبرن کي گڏ ڪندو (تنهن ڏينهن)

الرُّسُلَ فَيَقُوْلُ مَاذَآ اُجِبْتُمْ ۭ قَالُوْا لَا عِلْمَ لَنَا ۭ اِنَّكَ اَنْتَ عَلَّامُ

رسولن کي پوءِ چوندو ڇا جواب مليو هو توهان کي؟ چوندا ناهي خبر اسان کي، تون ئي ڄاڻندڙ آهين

چوندو ته اوهان کي ڇا جواب ڏنو ويو؟ چوندا ته اسان کي (ماڻهن جي دلين جي) ڪا خبر نه آهي. ڇو ته تون ئي ڳجهن جو وڏو ڄاڻندڙ آهين.

الْغُيُوْبِ ﴿١٠٩﴾ اِذْ قَالَ اللّٰهُ يٰعِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ اذْكُرْ نِعْمَتِيْ عَلَيْكَ وَ

ڳجهن جو. جڏهن چوندو الله عيسيٰ ابن مريم کي ياد ڪر منهنجي نعمت پاڻ تي ۽

جڏهن (اُن ڏينهن) الله عيسيٰ پٽ مريم جي کي چوندو ته پاڻ تي ۽ پنهنجي ماءُ تي منهنجيون نعمتون ياد ڪر!

عَلٰى وَالِدَتِكَ ۘ اِذْ اَيَّدْتُّكَ بِرُوْحِ الْقُدُسِ ۣ تُكَلِّمُ النَّاسَ

پنهنجي ماءُ تي، جنهن وقت مدد ڪئي مون تنهنجي روح پاڪ سان، ۽ تون ڳالهائين پيو ماڻهن سان

جڏهن توکي پاڪ روح سان مدد ڏنم (جو) ماڻهن سان پينگهي ۾ (خاص طرح) ۽ وڏي وهيءَ ۾

فِي الْمَهْدِ وَكَهْلًا ۚ وَاِذْ عَلَّمْتُكَ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَالتَّوْرٰىةَ

پينگهي ۾ ۽ ڪرڙوڊ عمر ۾، ۽ جڏهن وقت سيکاريم توکي ڪتاب ۽ حقيقت ۽ تورات

ڳالهائيندي ٿي، ۽ جڏهن توکي ڪتاب ۽ دانائي ۽ توريت ۽ انجيل سيکاريم،

ع ١٤/٤

وقف لازم

وَالْاِنْجِيْلَ ۚ وَاِذْ تَخْلُقُ مِنَ الطِّيْنِ كَهَيْـَٔةِ الطَّيْرِ بِاِذْنِيْ فَتَنْفُخُ
۽ انجيل، ۽ جنهن وقت بڻائين پيو مٽيءَ مان نمونو پکيءَ جو منهنجي حڪم سان پوءِ ڦوڪين پيو
۽ جڏهن منهنجي حڪم سان مٽيءَ مان پکيءَ جي شڪل جهڙو بڻائيه پوءِ منجهس ڦوڪيئه ته
فِيْهَا فَتَكُوْنُ طَيْرًۢا بِاِذْنِيْ وَتُبْرِئُ الْاَكْمَهَ وَالْاَبْرَصَ بِاِذْنِيْ ۚ
ان ۾ ته ٿئي پيو اهو اَڏامندڙ منهنجي حڪم سان ۽ ڇُٽائين پيو نپٽ انڌو ۽ ڪوڙهيو منهنجي حڪم سان
منهنجي حڪم سان پکي ٿيو ۽ منهنجي حڪم سان ماءُ ڄاول انڌي ۽ ڪوڙهي کي ڇٽائيئي ٿي، ۽ جڏهن مئل
وَاِذْ تُخْرِجُ الْمَوْتٰى بِاِذْنِيْ ۚ وَاِذْ كَفَفْتُ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ عَنْكَ اِذْ
۽ جنهن وقت اُٿارين پيو مُئل منهنجي حڪم سان، ۽ جنهن وقت هٽايم يهودين کي توکان جڏهن
کي منهنجي حڪم (جيئرو ڪري) ڪڍيئه ٿي، ۽ جڏهن بني اسرائيلن (جي شر) کي توسان
جِئْتَهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْهُمْ اِنْ هٰذَآ اِلَّا
آندا تو انهن وٽ معجزا پوءِ چيو جن ڪفر ڪيو انهن مان ته ناهي اهو مگر
جهليم جڏهن وٽن معجزن سان آئين تڏهن منجهائئن ڪافرن چيو ته، هيءُ رڳو پڌرو جادو آهي.
سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ١١٠ وَاِذْ اَوْحَيْتُ اِلَى الْحَوَارِيّٖنَ اَنْ اٰمِنُوْا بِيْ وَ
جادو پڌرو. ۽ جنهن وقت دليل ۾ وڌم ڌوٻين کي ته ايمان آڻيو مون تي ۽
۽ جڏهن حوارين ڏانهن الهام ڪيم ته مون تي ۽ منهنجي پيغمبر تي ايمان آڻيو، چيائون ته ايمان
بِرَسُوْلِيْ ۚ قَالُوْٓا اٰمَنَّا وَاشْهَدْ بِاَنَّنَا مُسْلِمُوْنَ ١١١ اِذْ قَالَ
منهنجي رسول تي، چيائون ايمان آندوسون ۽ تون شاهد هُجُ ته اسين فرمانبردار آهيون. جڏهن چيو
آندوسون ۽ (اي عيسيٰ!) شاهد هج ته اسين مسلمان آهيون. (ياد ڪريو) جڏهن حوارين چيو
الْحَوَارِيُّوْنَ يٰعِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ هَلْ يَسْتَطِيْعُ رَبُّكَ اَنْ يُّنَزِّلَ
حوارين اي عيسيٰ بن مريم! ڇا ڪري سگهي ٿو تنهنجو رب ته لاهي
ته، اي عيسيٰ پٽ مريم جا تنهنجو پالڻهار اسان تي آسمان کان ڪو (طعام جو) خونچو
عَلَيْنَا مَآئِدَةً مِّنَ السَّمَآءِ ۭ قَالَ اتَّقُوا اللّٰهَ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ١١٢
اسان تي خونچو کاڌي جو آسمان کان، چيائين ڊڄو الله کان جيڪڏهن ايمان وارا آهيو.
لاهي سگهندو ڇا؟ عيسيٰ چيو ته، جيڪڏهن مؤمن آهيو ته الله کان ڊڄو.
قَالُوْا نُرِيْدُ اَنْ نَّاْكُلَ مِنْهَا وَتَطْمَىِٕنَّ قُلُوْبُنَا وَنَعْلَمَ اَنْ قَدْ
چيائون اسين چاهيون ٿا ته جيڪر کائون ان مان ۽ قرار وٺن دليون اسان جون ۽ ڄاڻون ته سچ
چيائون (اسين هيءُ) گهرون ٿا ته منجهانئس کائون ۽ اسان جون دليون آرام وٺن ۽ ڄاڻون ته اسان کي

صَدَقْتَنَا وَنَكُوْنَ عَلَيْهَا مِنَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿١١٣﴾ قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ

ڳالهايو تو اسان سان ۽ هجون ان تي شاهدن مان. چيو عيسيٰ بن مريم

سچ چيو آهي ۽ مٿس شاهد هجون. (تڏهن) عيسيٰ پٽ مريم جي چيو تہ اي اسان جا پالڻهار الله!

اللّٰهُمَّ رَبَّنَآ اَنْزِلْ عَلَيْنَا مَآئِدَةً مِّنَ السَّمَآءِ تَكُوْنُ لَنَا عِيْدًا

اي الله اسان جا رب لاهہ اسان تي خوانچو آسمان کان تہ ٿئي اسان جي عيد

اسان تي هڪ دسترخوان آسمان کان لاھہ تہ اسان جي اڳين ۽ اسان جي پوين (سيني) لاءِ

لِّاَوَّلِنَا وَاٰخِرِنَا وَاٰيَةً مِّنْكَ ۚ وَارْزُقْنَا وَاَنْتَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿١١٤﴾

اسان جي اڳين ۽ پوين لاءِ ۽ نشاني تنهنجي طرفان، ۽ رزق ڏي اسان کي ۽ تون ئي وڏيڪ ڀلو رزق ڏيندڙ آهين.

عيد ٿئي ۽ تنهنجي نشاني ٿئي، ۽ اسان کي روزي ڏي ۽ تون چڱو روزي ڏيندڙ آهين.

قَالَ اللّٰهُ اِنِّىْ مُنَزِّلُهَا عَلَيْكُمْ ۚ فَمَنْ يَّكْفُرْ بَعْدُ مِنْكُمْ فَاِنِّىْٓ اُعَذِّبُهٗ

چيو الله بيشڪ آءٌ لاهيندڙ آهيان ان کي توهان تي، پوءِ جيڪو ڪفر ڪندو اڳتي توهان مان تہ آءٌ اهڙو عذاب ڪندس

الله چيو تہ آءٌ اوهان تي (دسترخوان) لاهيندس، پوءِ اوهان مان جيڪو هن کان پوءِ بي فرماني ڪندو تنهن کي آءٌ اهڙو سخت عذاب ڪندس

ع ١٥ / ٧ عَذَابًا لَّآ اُعَذِّبُهٗٓ اَحَدًا مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١١٥﴾ ع وَاِذْ قَالَ اللّٰهُ يٰعِيْسَى ابْنَ

ان کي جو نہ عذاب ڪندس اهڙو ڪنهين کي جهان وارن مان. ۽ جڏهن چوندو الله عيسيٰ بن

جو جهانن (جي رهندڙن) مان ڪنهن هڪ کي ان جهڙو عذاب نہ ڪندس. ۽ (اهو وقت ياد ڪر!) جڏهن الله چوندو تہ اي عيسيٰ پٽ مريم جا!

مَرْيَمَ ءَاَنْتَ قُلْتَ لِلنَّاسِ اتَّخِذُوْنِىْ وَاُمِّىَ اِلٰهَيْنِ مِنْ دُوْنِ

مريم ڪي چا تو چيو هو ماڻهن کي تہ مڃيو مون کي ۽ منهنجي ماءُ کي ٻہ خدا ڪري الله کان

تون ماڻهن کي چيو هو چا؟ تہ الله کان سواءِ مون کي ۽ منهنجي ماءُ کي ٻہ خدا ڪري مڃيو. (عيسيٰ) چوندو تہ

اللّٰهِ ۗ قَالَ سُبْحٰنَكَ مَا يَكُوْنُ لِىْٓ اَنْ اَقُوْلَ مَا لَيْسَ لِىْ ۗ بِحَقٍّ ۗ اِنْ كُنْتُ

سواءِ. چوندو تون پاڪ آهين ناهي لائق مون کي جو چوان اها ڳالهہ جنهن جو نہ آهي ڪوئي حق. جيڪڏهن مون چيو

تون پاڪ آهين جنهن (چوڻ) جو مون کي ڪو حق نہ آهي سو چوڻ مون کي ڪيئن جڳائيندو هو؟ جيڪڏهن مون اهو

قُلْتُهٗ فَقَدْ عَلِمْتَهٗ ۗ تَعْلَمُ مَا فِىْ نَفْسِىْ وَلَآ اَعْلَمُ مَا فِىْ نَفْسِكَ ۗ

هوندو اهو تہ ضرور تو ڄاتو هوندو. تون ڄاڻين ٿو جيڪي منهنجي اندر ۾ آهي ۽ نہ ٿو ڄاڻان آءٌ جيڪي تنهنجي اندر ۾ آهي.

چيو هوندو تہ بيشڪ اهو توکي معلوم هوندو. جيڪي منهنجي دل ۾ آهي سو (تون) ڄاڻندو آهين ۽ جيڪي تنهنجي دل ۾ آهي سو (آءٌ) نہ ڄاڻندو

اِنَّكَ اَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ ﴿١١٦﴾ مَا قُلْتُ لَهُمْ اِلَّا مَآ اَمَرْتَنِىْ بِهٖٓ اَنِ

بيشڪ تون ئي ڳجهن کي ڄاڻو ڄاڻندڙ آهين. نہ چيم انهن کي مگر اهو ئي جو حڪم ڪيو تو مونکي ان جو تہ

آهيان. چوڻ تون ئي ڳجهن جو ڄاڻو ڄاڻندڙ آهين. جنهن لاءِ مون کي حڪم ڪيو اٿيئي تنهن کان سواءِ (ٻيو ڪجهه) کين نہ چيو اٿم (يعني) هي تہ

وقف النبي صلى الله عليه وآله وسلم ١٢

اعْبُدُوا اللّٰهَ رَبِّيْ وَرَبَّكُمْ ۚ وَكُنْتُ عَلَيْهِمْ شَهِيْدًا مَّا دُمْتُ فِيْهِمْ ۚ
عبادت ڪريو الله منهنجي رب ۽ پنهنجي رب جي ۽ هئس انهن جي خبر رکندڙ جيستائين رهيس انهن ۾
الله جي عبادت ڪريو جو منهنجو پالڻهار ۽ اوهان جو پالڻهار آهي، جيسين منجهن رهيس تيسين (آءٌ) مٿن نگهبان رهيس
فَلَمَّا تَوَفَّيْتَنِيْ كُنْتَ اَنْتَ الرَّقِيْبَ عَلَيْهِمْ ؕ وَاَنْتَ عَلٰى كُلِّ
پوءِ جڏهن پورو ڪيو تو مونکي تڏهن تون ئي نگهبان هئين انهن جو، ۽ تون ئي هر شيءِ جي
پوءِ جنهن مهل تو مون کي کڻي ورتو تہ تون ئي مٿن نگهبان رهئين ۽ تون سڀ ڪنهن شيءِ تي خبردار آهين.
شَيْءٍ شَهِيْدٌ ﴿۱۱۷﴾ اِنْ تُعَذِّبْهُمْ فَاِنَّهُمْ عِبَادُكَ ۚ وَاِنْ تَغْفِرْ لَهُمْ
خبر رکندڙ آهين. جيڪڏهن تون عذاب ڪندين انهن کي تہ اُهي آهن ٻانها تنهنجا، ۽ جيڪڏهن تون معاف ڪندين انهن کي
جيڪڏهن کين عذاب ڪرين تہ اهي تنهنجا ٻانها آهن، ۽ جيڪڏهن کين بخشين تہ تون ئي غالب
فَاِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۱۱۸﴾ قَالَ اللّٰهُ هٰذَا يَوْمُ يَنْفَعُ الصّٰدِقِيْنَ
تہ بيشڪ تون ئي زبردست حڪمت وارو آهين. فرمائيندو الله هي اهو ڏينهن آهي جو فائدو ڏيندو سچن کي
حڪمت وارو آهين. الله فرمائيندو تہ هي اهو ڏينهن آهي جو سچن کي سندين سچائي فائدو ڏيندي.
صِدْقُهُمْ ؕ لَهُمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ
سندن سچ، انهن لاءِ باغ آهن وهن ٿيون انهن جي هيٺان واهيون رهندا انهن ۾
انهن لاءِ (اهي) بهشت آهن جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن. منجهن اصلي سدائين رهڻ وارا آهن،
اَبَدًا ؕ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ ؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿۱۱۹﴾ لِلّٰهِ
هميشہ، راضي ٿيو الله انهن کان ۽ اهي راضي ٿيا ان کان، اهائي ڪاميابي وڏي آهي. الله جي
الله کانئن راضي آهي ۽ اهي کانئس راضي آهن اِها وڏي مراد ماڻڻ آهي. آسمانن ۽ زمين جي
مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا فِيْهِنَّ ؕ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۱۲۰﴾
بادشاهي آهي آسمانن ۽ زمين ۾ ۽ جيڪي انهن ۾ آهي، ۽ اهو هر شيءِ تي سگهه رکندڙ آهي.
۽ جيڪي منجهن آهي تنهن جي بادشاهي الله جي آهي، ۽ اهو سڀ ڪنهن شيءِ تي وسارو آهي.

سُوْرَةُ الْاَنْعَامِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ١٦٥ رُكُوْعَاتُهَا ٢٠

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.
الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَجَعَلَ الظُّلُمٰتِ
سڀ ساراهہ الله لاءِ جنهن پيدا ڪيو آسمانن ۽ زمين کي ۽ بنايائين اونداهين
سڀ ساراهہ (خاص) ان الله کي جڳائي جنهن آسمانن ۽ زمين کي بڻايو ۽ اونداهيون ۽ سوجهرو پيدا ڪيو.

وَالنُّوْرَ ؕ ثُمَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ يَعْدِلُوْنَ ١ هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ

۽ روشني کي، پوءِ بہ اهي ڪافر پنهنجي پروردگار سان ٻين کي برابر ٿا ڪن. اهوئي آهي جنهن پيدا ڪيو توهان کي

وري (بہ) ڪافر پنهنجي پالڻهار سان (ٻين کي) برابر ڪندا آهن. اهو (ئي الله) آهي جنهن اوهان کي

مِّنْ طِيْنٍ ثُمَّ قَضٰۤى اَجَلًا ؕ وَاَجَلٌ مُّسَمًّى عِنْدَهٗ ثُمَّ اَنْتُمْ

مٽيءَ مان پوءِ مقرر ڪيائين موت جو وقت، ۽ وقت اُٿڻ جو مقرر آهي ان وٽ پوءِ توهان

مٽيءَ مان بڻايو وري (اوهان جي جيئڻ ۽ موت جي) مدت ٺهرايائين، ۽ (هڪڙي ٻي) مدت، وٽس مقرر ٿيل آهي. وري

تَمْتَرُوْنَ ٢ وَهُوَ اللّٰهُ فِي السَّمٰوٰتِ وَفِي الْاَرْضِ ؕ يَعْلَمُ سِرَّكُمْ وَ

شڪ ٿا ڪريو. ۽ اهوئي الله آهي آسمانن ۾ ۽ زمين ۾. ڄاڻي ٿو توهان جي اندر کي ۽

(اي ڪافرو! الله بابت) اوهين شڪ ڪندا آهيو. ۽ اهو ئي الله آسمانن ۽ زمين ۾ (سڀ ڪنهن جو معبود) آهي، اوهان جو ڳجهہ ۽

جَهْرَكُمْ وَيَعْلَمُ مَا تَكْسِبُوْنَ ٣ وَمَا تَاْتِيْهِمْ مِّنْ اٰيَةٍ مِّنْ اٰيٰتِ

ٻاهر کي ۽ ڄاڻي ٿو جيڪي توهان ڪيو ٿا. ۽ نہ ٿي اچي انهن وٽ ڪا آيت سندن رب جي آيتن

ظاهر ڄاڻندو آهي ۽ جيڪي ڪندا آهيو سو (بہ) ڄاڻندو آهي. سندن پالڻهار جي آيتن مان ڪا آيت وٽن نہ ايندي آهي

رَبِّهِمْ اِلَّا كَانُوْا عَنْهَا مُعْرِضِيْنَ ٤ فَقَدْ كَذَّبُوْا بِالْحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمْ ؕ

مان مگر اهي ان کان منهن ٿا موڙين. پوءِ انهن ڪوڙو ڄيو سچ کي جڏهن آيو وٽن،

پر ڪانئس منهن موڙيندڙ آهن. پوءِ بيشڪ سچ (يعني قرآن) کي، جنهن مهل وٽن آيو (تنهن مهل) ڪوڙ ڀانيائون،

فَسَوْفَ يَاْتِيْهِمْ اَنْۢبٰٓؤُا مَا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ٥ اَلَمْ يَرَوْا كَمْ

پوءِ اجهو ايندي يون انهن وٽ خبرون ان جون جنهن تي اهي ٺٺوليون ٿا ڪن. ڇا نہ ٿا ڏسن تہ ڪيترائي

پوءِ جنهن (ڳالهہ) بابت ٺٺوليون ڪندا آهن تنهن جي (سزا جون) خبرون وٽن سگهو پهچنديون. (ڪافر) نہ ڏسندا آهن ڇا؟

اَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ قَرْنٍ مَّكَّنّٰهُمْ فِي الْاَرْضِ مَا لَمْ نُمَكِّنْ

هلاڪ ڪيا سون انهن کان اڳ ۾ ڪيئي جُڳ جن کي قوت ڏني سون ملڪ ۾ جا نہ طاقت ڏني اٿئون

تہ ڪانئن اڳ ڪيترا طبقا ناس ڪياسون جن کي زمين ۾ اهڙي طاقت ڏني هئي سون جو اوهان کي بہ نہ ڏني اٿئون

لَّكُمْ وَاَرْسَلْنَا السَّمَآءَ عَلَيْهِمْ مِّدْرَارًا ۪ وَّجَعَلْنَا الْاَنْهٰرَ تَجْرِيْ

توهان کي ۽ وساياسون مينهن انهن تي وڏا ڦڙا ۽ بناياسون اهڙا واهہ جو وهن پيا

۽ مٿن آسمان کان مينهن سانده وساياسون ۽ سندن هيٺان واهيون وهندڙ ڪيون سون پوءِ انهن

مِنْ تَحْتِهِمْ فَاَهْلَكْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ وَاَنْشَاْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ قَرْنًا

هيٺان انهن کان پوءِ تباهہ ڪيو سون انهن کي سندن گناهن جي ڪري ۽ پيدا ڪيا سون انهن کان پوءِ جُتا

کي سندن گناهن سببان هلاڪ ڪيوسون ۽ سندن پوئتان ٻين قومن کي پيدا ڪيوسون.

اٰخَرِيْنَ ﴿٦﴾ وَلَوْ نَزَّلْنَا عَلَيْكَ كِتٰبًا فِيْ قِرْطَاسٍ فَلَمَسُوْهُ بِاَيْدِيْهِمْ

پيا. ۽ جيڪڏهن لاهيون ها توتي ڪتاب ڪاغذ ۾ پوءِ ڇهن ها ان کي هٿن پنهنجن سان

۽ جيڪڏهن توتي ڪاغذ ۾ (لکيل) ڪتاب (قرآن) نازل ڪريون ها پوءِ اهي پنهنجا هٿ ڪيس لائين ها

لَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٧﴾ وَقَالُوْا لَوْلَآ اُنْزِلَ

ته به چون ها ڪافر ناهي اهو مگر جادو پڌرو. ۽ چون ها ڇو نه لاٿو ويو

ته جيڪي ڪافر آهن سي ضرور چون ها ته هيءُ ته رڳو پڌرو جادو آهي. ۽ چون ٿا ته مٿس ملائڪ ڇو نه لاٿو ويو؟

عَلَيْهِ مَلَكٌ ؕ وَلَوْ اَنْزَلْنَا مَلَكًا لَّقُضِيَ الْاَمْرُ ثُمَّ لَا يُنْظَرُوْنَ ﴿٨﴾ وَ

ان تي ڪو فرشتو. ۽ جيڪڏهن لاهيون ها ڪو فرشتو ته پوروتي وڃي ها ڪم پوءِ ڪين ڍر نه ملي ها. ۽

۽ جيڪڏهن اسين ملائڪ نازل ڪريون ها ته ضرور ڪم پوروتي وڃي ها (يعني هلاڪ ٿي وڃن ها) وري ڪين مهلت (مور) نه ڏجي ها!

لَوْ جَعَلْنٰهُ مَلَكًا لَّجَعَلْنٰهُ رَجُلًا وَّلَلَبَسْنَا عَلَيْهِمْ مَّا يَلْبِسُوْنَ ﴿٩﴾

جي ڪريون ها ان کي فرشتو ته به ڪريون ها ان کي ماڻهو ۽ پڪ ٻڏايون ها انهن کي جنئن ٻلي ويا آهن.

۽ جيڪڏهن ڪيس ملائڪ ڪريون ها ته ضرور ڪيس مرد (جي شڪل ۾) بڻايون ها ۽ جهڙو شبهو (هاڻي) ڪندا آهن تهڙو شبهو مٿن قائم رکون ها.

وَلَقَدِ اسْتُهْزِئَ بِرُسُلٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَحَاقَ بِالَّذِيْنَ سَخِرُوْا مِنْهُمْ

۽ چٿر ڪئي وئي آهي رسولن تي توهان کان اڳي پوءِ اُٿلي پيو انهن تي جن چٿر ڪئي انهن مان

۽ بيشڪ توکان اڳ (بين) پيغمبرن سان (به) چٿر ڪئي ويئي (آهي) پوءِ منجهانئن جن چٿرون ڪيون تن تي

مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿١٠﴾ ع قُلْ سِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ ثُمَّ انْظُرُوْا

اهو عذاب جنهن تي مسخريون ڪندا هئا. اي پيغمبر! چؤ ته گهمو ملڪ ۾ پوءِ ڏسو.

جنهن (ڳالهه) تي چٿر ڪندا هئا تنهن (جي سزا اچي) گهيرو ڪيو. (اي پيغمبر! ڪين) چئو ته ملڪ ۾ گهمو ۽ وري ڏسو ته ڪوڙن جي پڄاڙي

كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ ﴿١١﴾ قُلْ لِّمَنْ مَّا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ

ڪيئن تي پڄاڙي ڪوڙي ڪندڙن جي. چؤ ڪنهن جو آهي جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي.

ڪيئن ٿي!. (اي پيغمبر! ڪانئن) پڇا ڪر ته جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو ڪنهن جو آهي؟ چئو ته الله جو آهي.

قُلْ لِّلّٰهِ ؕ كَتَبَ عَلٰى نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ ؕ لَيَجْمَعَنَّكُمْ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ

چؤ الله جو آهي. لکي ڇڏائين پاڻ تي ٻاجهه ڪرڻ. ضرور گڏ ڪندو توهان کي قيامت ڏينهن

جنهن (ٻانهن تي) ٻاجهه (ڪرڻ) پاڻ تي لازم ڪئي آهي. قيامت جي ڏينهن جنهن ۾ شڪ نه آهي

لَا رَيْبَ فِيْهِ ؕ اَلَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٢﴾ وَلَهٗ

ناهي شڪ انهيءَ ۾. جن نقصان ڪيو پنهنجو پوءِ اهي نه ايمان آڻيندا. ۽ الله جو ئي آهي

ضرور اوهان کي گڏ ڪندو جن پاڻ کي خساري ۾ وڌو سي ڪڏهن ايمان نه آڻيندا. ۽ جيڪو

مَا سَكَنَ فِي الَّيْلِ وَالنَّهَارِ ۚ وَهُوَ السَّمِيعُ الْعَلِيمُ ﴿١٣﴾ قُلْ أَغَيْرَ اللَّهِ
جيڪو بہ رهيو آهي رات ۽ ڏينهن ۾، ۽ اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي، تون چؤ ڇا الله کان سواءِ
رات ۽ ڏينهن ۾ رهندو آهي سو اُن جي مِلڪ آهي، ۽ اهو ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. (اي پيغمبرا کين) چئو تہ، آسمانن ۽ زمين
أَتَّخِذُ وَلِيًّا فَاطِرِ السَّمَٰوَٰتِ وَالْأَرْضِ وَهُوَ يُطْعِمُ وَلَا يُطْعَمُ ۗ
وٺان ڪو مددگار اهو تہ پيدا ڪندڙ آهي آسمانن ۽ زمين جو ۽ اهوئي کارائي ٿو ۽ کارايو نہ ٿو وڃي،
جي بڻائيندڙ الله کان سواءِ ٻئي ڪي سنڀاليندڙ ڪري چو وٺان؟ ۽ اهو (سڀني کي) روزي ڏيندو آهي ۽ ڪيس روزي ڪوئي نہ ڏيندو آهي.
قُلْ إِنِّي أُمِرْتُ أَنْ أَكُونَ أَوَّلَ مَنْ أَسْلَمَ وَلَا تَكُونَنَّ
چؤ مون کي حڪم ٿيو آهي تہ آءٌ هجان سڀ کان پهريون فرمانبردار ۽ نہ تجانءِ
چئو تہ، مون کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ پهريون مسلمان آءٌ هجان ۽ (فرمايو ويو تہ) تون مشرڪن مان مور نہ هج.
مِنَ الْمُشْرِكِينَ ﴿١٤﴾ قُلْ إِنِّي أَخَافُ إِنْ عَصَيْتُ رَبِّي عَذَابَ يَوْمٍ
مشرڪن مان. چؤ آءٌ ڊڄان ٿو جيڪڏهن بي فرماني ڪيم پنهنجي رب جي، عذاب وڏي ڏينهن
چئو تہ، جيڪڏهن پنهنجي پالڻهار جو چيو نہ مڃيان تہ آءٌ وڏي ڏينهن جي عذاب (پهچڻ) کان ڊڄان ٿو.
عَظِيمٍ ﴿١٥﴾ مَنْ يُصْرَفْ عَنْهُ يَوْمَئِذٍ فَقَدْ رَحِمَهُ ۚ وَذَٰلِكَ الْفَوْزُ
جي کان. اهو جو تاريو ويو عذاب ان کان تنهن ڏينهن تہ بيشڪ رحم ڪيائين ان تي، ۽ اهائي ڪاميابي
اُن ڏينهن جنهن (ماڻهوءَ) کان (عذاب) ٽاريو ويندو تنهن تي بيشڪ ٻاجهہ ڪئي ويئي، ۽ اها پڌري مراد ماڻڻ آهي.
الْمُبِينُ ﴿١٦﴾ وَإِنْ يَمْسَسْكَ اللَّهُ بِضُرٍّ فَلَا كَاشِفَ لَهُ إِلَّا هُوَ ۖ وَ
پڌري آهي. ۽ جيڪڏهن پهچائي توکي الله ڪا تڪليف تہ ناهي ڪوئي هٽائيندڙ ان کي مگر اهوئي، ۽
جيڪڏهن الله توکي ڪو ڏک پهچائي تہ ان (الله) کان سواءِ اُن جو ڪو لاهيندڙ نہ آهي، ۽
إِنْ يَمْسَسْكَ بِخَيْرٍ فَهُوَ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ ﴿١٧﴾ وَهُوَ الْقَاهِرُ
جيڪڏهن پهچائي توکي ڀلائي تہ اهو هر شيءِ تي قادر آهي. ۽ اهوئي دٻاءُ وجهندڙ آهي
جيڪڏهن اهو توکي سک پهچائي تہ اهو سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي. ۽ اهو پنهنجن ٻانهن تي
فَوْقَ عِبَادِهِ ۚ وَهُوَ الْحَكِيمُ الْخَبِيرُ ﴿١٨﴾ قُلْ أَيُّ شَيْءٍ أَكْبَرُ شَهَادَةً ۖ
پنهنجي ٻانهن تي، ۽ اهوئي حڪمت وارو خبر وارو آهي. پڇا ڪر ڪير آهي زور وڏو شاهدي ڏيڻ ۾،
غالب آهي ۽ اهو حڪمت وارو خبر رکندڙ آهي. پڇا ڪر تہ شاهدي ۾ ڪير وڏو آهي؟ چئو تہ منهنجي ۽
قُلِ اللَّهُ ۖ شَهِيدٌ بَيْنِي وَبَيْنَكُمْ ۚ وَأُوحِيَ إِلَيَّ هَٰذَا الْقُرْآنُ لِأُنْذِرَكُمْ
چؤ "الله" اهو شاهد آهي منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾، ۽ موڪليو ويو مون ڏانهن هيءُ قرآن جئن ڊيڄاريان توهان کي
اوهان جي وچ ۾ الله شاهد آهي ۽ مون ڏانهن هي قرآن هن لاءِ وحي ڪيو ويو آهي تہ اُن سان اوهان کي ۽ جن جن کي (هي قرآن) پهچي (تن سڀني کي)

بِهٖ وَمَنْۢ بَلَغَ ط اَئِنَّكُمْ لَتَشْهَدُوْنَ اَنَّ مَعَ اللّٰهِ اٰلِهَةً اُخْرٰى ط قُلْ

انهيءَ سان ۽ جنهن کي بہ اهو پهچي، ڇا توهان شاهدي ڏيو ٿا تہ الله سان گڏ آهن ڪي خدا ٻيا؟ چئو

ڊيڄاريان. (هيءَ ڳالهہ) اوهين ثابت ڪري سگهندو ڇا تہ الله ساڻ ٻيا (بہ) عبادت جا لائق آهن؟ چئو تہ آءٌ (اهڙي باطل ڪم جي) شاهدي نہ ٿو ڏيان.

وقف لازم باختلاف لَّآ اَشْهَدُ ج قُلْ اِنَّمَا هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ وَّاِنَّنِيْ بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تُشْرِكُوْنَ ⑲

مان نہ ٿو شاهدي ڏيان، چئو رڳو اهوئي عبادت جي لائق اڪيلو آهي ۽ بيشڪ آءٌ بيزار آهيان انهن کان جن کي اوهان شريڪ بڻايو ٿا.

(بلڪل سچي ڳالهہ جي ثابتي لاءِ) چئو تہ هڪ الله کان سواءِ ڪوبہ عبادت جو لائق ڪونهي ۽ جن کي اوهين شريڪ بڻائيندا آهيو تن کان آءٌ بيزار آهيان.

وقف لازم اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْرِفُوْنَهٗ كَمَا يَعْرِفُوْنَ اَبْنَآءَهُمْ م اَلَّذِيْنَ

اهي جن کي اسان ڏنو سون ڪتاب سڃاڻن ٿا انهيءَ کي جئن سڃاڻن ٿا پنهنجن ٻارن کي، جن

جن کي ڪتاب ڏنو سين سي اُن (پيغمبر) کي اهڙيءَ طرح سڃاڻندا آهن، جهڙيءَ طرح پنهنجن پٽن کي سڃاڻندا آهن جن

ع ٢ / ١٠ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ⑳ ع وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى

نقصان ڪيو پنهنجي سِرَ جو پوءِ اهي نہ ٿا ايمان آڻن. ۽ ڪير وڌيڪ ظالم آهي انهيءَ کان جيڪو مڙهي

پاڻ کي نقصان ۾ وڌو سي ايمان نہ آڻيندا. اُن کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي؟ جنهن الله تي ڪوڙو ناهہ ٺاهيو

عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ ط اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ ㉑ وَيَوْمَ

الله تي ڪوڙ يا ڪوڙو ڪري اُن جي آيتن کي، بيشڪ نہ ٿا ڪامياب ٿين ظالم. ۽ جنهن ڏينهن

يا سندس آيتن کي ڪوڙو ڄاتو ڪو شڪ نہ آهي تہ ظالم نہ ڇٽندا! ۽ (اهو وقت ياد ڪر) جنهن ڏينهن

نَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا ثُمَّ نَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ اَشْرَكُوْٓا اَيْنَ شُرَكَآؤُكُمُ الَّذِيْنَ

گڏ ڪنداسون انهن سڀني کي پوءِ چونداسون مشرڪن کي تہ ڪٿي آهن توهان جا شريڪ اهي جن کي

اُٿي مڙيئي گڏ ڪنداسين وري مشرڪن کي چونداسين تہ اوهان جا اُهي شريڪ جن کي اوهين (الله جو شريڪ)

كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ ㉒ ثُمَّ لَمْ تَكُنْ فِتْنَتُهُمْ اِلَّآ اَنْ قَالُوْا وَاللّٰهِ رَبِّنَا

توهان ڀانئيندا هئا. پوءِ نہ هوندو انهن جو ڪو فريب مگر هيءُ چوندا قسم الله اسان جي پالڻهار جو

ڀانئيندا هيَو ڪٿي آهن؟ وري سندن ڪوئي عذر هن چوڻ کان سواءِ نہ رهندو تہ، پنهنجي پالڻهار الله جو قسم آهيون!

مَا كُنَّا مُشْرِكِيْنَ ㉓ اُنْظُرْ كَيْفَ كَذَبُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ وَضَلَّ عَنْهُمْ

نہ هئاسون شريڪ ڪندڙ. نظر ڪر تہ ڪيئن ڪوڙ هليائون پنهنجو پاڻ تي ۽ وسري ويو انهن کان

تہ اسين شرڪ ڪندڙ نہ هئاسون. (اي پيغمبر!) ڏس! تہ پاڻ تي ڪهڙو ڪوڙ چيائون ۽ جيڪي ناهہ ٺاهيندا آهن

مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ㉔ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّسْتَمِعُ اِلَيْكَ ج وَجَعَلْنَا عَلٰى

جيڪو ناهہ ٺاهيندا هئا. ۽ انهن مان ڪي ڪن ٿا ڏين توڏانهن ۽ ڪياسون انهن جي

سي ڪانئن ڀلجي ويا. ۽ منجهانئن ڪو اهڙو آهي جو تو ڏانهن (قرآن ٻڌڻ لاءِ) ڪن ڏيندو آهي، ۽ سندين دلين تي

قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ يَّفْقَهُوْهُ وَفِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَقْرًا ؕ وَاِنْ يَّرَوْا كُلَّ

دلين تي پردا انهيءَ جي سمجهڻ کان ۽ انهن جي ڪنن ۾ بار، ۽ جيڪڏهن ڏسندا سموريون

ان جي سمجهڻ کان ڍڪ ۽ سندن ڪنن ۾ گهرائي ڪئي اٿئون، ۽ جيڪڏهن سڀ معجزا ڏسندا

اٰيَةٍ لَّا يُؤْمِنُوْا بِهَا ؕ حَتّٰٓى اِذَا جَآءُوْكَ يُجَادِلُوْنَكَ يَقُوْلُ الَّذِيْنَ

نشانيون تہ بہ ڪونہ مڃيندا انهن کي، ايتري قدر جو جڏهن ايندا تو وٽ توسان جهڳڙي ڪرڻ لاءِ چوندا

تہ (بہ) ڪين نہ مڃيندا، تان جو جنهن مهل تو سان جهڳڙو ڪندڙ ٿي تو وٽ ايندا (تنهن مهل) ڪافر چوندا تہ

كَفَرُوْٓا اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٢٥﴾ وَهُمْ يَنْهَوْنَ عَنْهُ

ڪافر ناهي هيءَ مگر آڪاڻيون اڳين جون. ۽ اهي روڪين ٿا ان کان

هيءَ اڳين جي آکاڻين کان سواءِ (ٻيو) ڪجهہ نہ آهي. ۽ اهي ان (جي پڌڻ) کان (ٻين کي) جهليندا آهن ۽ (پاڻ بہ) ڪاڻس

وَيَنْـَٔوْنَ عَنْهُ ۚ وَاِنْ يُّهْلِكُوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٢٦﴾ وَلَوْ

۽ پري ٿا ڀڄن ان کان، ۽ نہ ٿا تباهہ ڪن مگر پاڻ کي ۽ نہ ٿا سمجهن. ۽ جيڪڏهن

پري ڀڄندا آهن ۽ پاڻ کان سواءِ (ٻئي ڪنهن کي) هلاڪ نہ ٿا ڪن ۽ نہ ڄاڻندا آهن. ۽ جڏهن (اهي) باهہ تي

تَرٰٓى اِذْ وُقِفُوْا عَلَى النَّارِ فَقَالُوْا يٰلَيْتَنَا نُرَدُّ وَلَا نُكَذِّبَ بِاٰيٰتِ

تون ڏسين جنهن وقت بيهاريا ويندا باهہ تي پوءِ چوندا هاءِ جيڪر موٽايا وڃون ۽ نہ ڪوڙو ڪريون ها پنهنجي رب جي

بيهاريا ٿيندا تڏهن جيڪر ڪين ڏسين! (تہ عجب ڪرين) پوءِ چوندا تہ اسان کي ارمان آهي! (جيڪر دنيا ۾) موٽايا وڃون ۽ پنهنجي پالڻهار جي آيتن

رَبِّنَا وَنَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٢٧﴾ بَلْ بَدَا لَهُمْ مَّا كَانُوْا يُخْفُوْنَ

آيتن کي ۽ ٿيون ها ايمان وارن مان. پر ظاهر ٿيو انهن لاءِ اهو جيڪي لڪائيندا هئا

کي ڪوڙ نہ ڀانيون ۽ مومنن مان ٿيون. (نہ!) بلڪ هن کان اڳ جيڪي (ڪفر ۽ گناهہ) لڪائيندا هئا سي (اڄ) ڪين پڌرا نظر آيا

مِنْ قَبْلُ ؕ وَلَوْ رُدُّوْا لَعَادُوْا لِمَا نُهُوْا عَنْهُ وَاِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿٢٨﴾

اڳ ۾، ۽ جيڪڏهن موٽايا بہ وڃن تہ وري ڪندا اهو جنهن کان جهليا ويا ۽ يقينن اهي ڪوڙا آهن.

۽ جيڪڏهن (دنيا ڏانهن) موٽايا وڃن تہ جنهن (ڪم) کان جهليا ويا سو ئي وري ڪرڻ لڳندا ۽ بيشڪ اهي ضرور ڪوڙا آهن.

وَقَالُوْٓا اِنْ هِيَ اِلَّا حَيَاتُنَا الدُّنْيَا وَمَا نَحْنُ بِمَبْعُوْثِيْنَ ﴿٢٩﴾ وَلَوْ

۽ چيائون ناهي حياتي مگر حياتي اسان جي دنيا واري ۽ نڪي اسين اٿاريا ويندا سون. ۽ جي

۽ چون ٿا تہ هن دنيا جي حياتيءَ کان سواءِ (ٻيو ڪجهہ) نہ آهي ۽ اسين (مرڻ کان پوءِ وري) اٿڻ وارا نہ آهيون. ۽ جنهن مهل

تَرٰٓى اِذْ وُقِفُوْا عَلٰى رَبِّهِمْ ؕ قَالَ اَلَيْسَ هٰذَا بِالْحَقِّ ؕ قَالُوْا بَلٰى وَ

ڏسين جنهن وقت بيهاريا ويندا پنهنجي رب جي اڳيان، فرمائيندو ڇا ناهي اهو سچ؟ چوندا هائو قسم آهي

پنهنجي پالڻهار جي آڏو بيهاريا (تنهن مهل) جيڪڏهن ڪين ڏسين (تہ عجب ڪرين)، (الله) چوندو تہ هيءُ (وري جيئرو ٿيڻ) سچ نہ آهي ڇا؟ چوندا هائو

ع ٩

رَبِّنَا ؕ قَالَ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿٣٠﴾ ع قَدْ خَسِرَ الَّذِيْنَ

پنهنجي پروردگار جو. فرمائيندو پوءِ چکو عذاب هن ڪري جو توهان انڪار ڪندا هئا. تباهه ٿي ويا اهي جن

اسان کي پنهنجي پالڻهار جو قسم آهي! (ته سچ آهي). (الله) چوندو ته جيڪي اوهين ڪفر ڪندا هيو تنهن سببان عذاب (جو مزو) چکو. جن

كَذَّبُوْا بِلِقَآءِ اللّٰهِ ؕ حَتّٰٓى اِذَا جَآءَتْهُمُ السَّاعَةُ بَغْتَةً قَالُوْا يٰحَسْرَتَنَا

ڪوڙو ڀانيو ملڻ الله جي کي، نيٺ جڏهن آئي انهن وٽ قيامت اوچتو چوندا هاءِ افسوس!

الله جي ملڻ کي ڪوڙ ڀانيو سي بيشڪ خساري وارا ٿيا. تان جو جڏهن اوچتو انهن تي قيامت ايندي (تڏهن) چوڻ لڳندا ته اسان

عَلٰى مَا فَرَّطْنَا فِيْهَا ۙ وَهُمْ يَحْمِلُوْنَ اَوْزَارَهُمْ عَلٰى ظُهُوْرِهِمْ ؕ اَلَا

جو ڪئي سون ڪمي انهيءَ ۾ ۽ اهي کڻندا بار پنهنجا پنهنجي پٺاڻ تي، خبردار!

اُن (قيامت) بابت جا ڪوتاهي ڪئي، تنهن تي اسان کي افسوس آهي! ۽ اهي پنهنجو بار پنهنجين پٺين تي کڻندا. خبردار!

سَآءَ مَا يَزِرُوْنَ ﴿٣١﴾ وَمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا لَعِبٌ وَّلَهْوٌ ؕ وَلَلدَّارُ

بڇڙو آهي جيڪو بار کڻن ٿا. ۽ ناهي حياتي دنيا جي مگر راند ۽ ريجهه، ۽ يقينن

جيڪي کڻندا سو بڇڙو آهي. ۽ دنيا جي حياتي رڳو راند ۽ چرچو آهي، ۽ جيڪي پرهيزگار آهن تن لاءِ آخرت جي جاءِ

الْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿٣٢﴾ قَدْ نَعْلَمُ اِنَّهٗ لَيَحْزُنُكَ

آخرت جو گهر ڀلو آهي انهن لاءِ جيڪي پرهيزگاري ڪن، ڇا پوءِ نه ٿا سمجهو. اسان ڄاڻون ٿا ته ڏک ۾ وجهي ٿو توکي

ڀلي آهي. پوءِ ڇو نه ٿا سمجهو؟ بيشڪ ڄاڻون ٿا ته جيڪي (اهي) چوندا آهن سو توکي ضرور غمگين ڪندو

الَّذِيْ يَقُوْلُوْنَ فَاِنَّهُمْ لَا يُكَذِّبُوْنَكَ وَلٰكِنَّ الظّٰلِمِيْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ

جيڪي چون ٿا پوءِ اهي نه ٿا ڪوڙو ڪن توکي پر اهي ظالم الله جي آيتن جو

پوءِ اهي نه (رڳو) توکي ڪوڙو چوندا آهن پر ظالم الله جي آيتن جو انڪار ڪندا آهن.

يَجْحَدُوْنَ ﴿٣٣﴾ وَلَقَدْ كُذِّبَتْ رُسُلٌ مِّنْ قَبْلِكَ فَصَبَرُوْا عَلٰى مَا

انڪار ٿا ڪن. ۽ پڻ ڪوڙا ڪوٺيا ويا رسول توکان اڳ ۾ پوءِ سٺائون پنهنجي ڪوڙي

۽ بيشڪ توکان اڳ (گهڻان) پيغمبر ڪوڙا سمجهيا ويا هئا، پوءِ پنهنجي ڪوڙي ڀانئجڻ ۽ پنهنجي ڏکوئجڻ تي

كُذِّبُوْا وَاُوْذُوْا حَتّٰٓى اَتٰىهُمْ نَصْرُنَا ۚ وَلَا مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِ اللّٰهِ ۚ

ڪوٺجڻ ۽ ايذائجڻ کي تان جو آئي وٽن مدد اسان جي، ۽ ناهي ڪوئي بدلائيندڙ ڳالهين الله جي کي،

ايسين صبر ڪندا رهيا جيسين ڪين اسان جي مدد پهتي، ۽ الله جي ڳالهين (يعني انجامن) کي (ڪوبه) ڦيريندڙ نه آهي

وَلَقَدْ جَآءَكَ مِنْ نَّبَاِى الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٣٤﴾ وَاِنْ كَانَ كَبُرَ عَلَيْكَ

۽ يقينن آيون آهن تو وٽ ڪجهه خبرون رسولن جون. ۽ جيڪڏهن آهي ڳرو ٿيو توتي

۽ بيشڪ تو وٽ پيغمبرن جي ڪجهه خبر آئي آهي، ۽ جيڪڏهن سندن منهن موڙڻ توکي ڏکيو لڳي ٿو

اِعْرَاضُهُمْ فَاِنِ اسْتَطَعْتَ اَنْ تَبْتَغِيَ نَفَقًا فِي الْاَرْضِ اَوْ سُلَّمًا

انهن جو منهن موڙڻ پوءِ جيڪڏهن تون سگهين ٿو جو ڳولهين تون ڪا سرنگهه زمين ۾ يا ڏاڪڻ

تہ جيڪڏهن زمين ۾ ڪا سرنگهه هٿي سگهين يا آسمان تي ڪا ڏاڪڻ ڳولهي سگهين پوءِ وٽن ڪو

فِي السَّمَآءِ فَتَاْتِيَهُمْ بِاٰيَةٍ ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَجَمَعَهُمْ عَلَى الْهُدٰى

آسمان ۾ پوءِ آڻين تون انهن وٽ ڪو معجزو، ۽ جيڪڏهن گهري الله تہ گڏ ڪري ها انهن کي هدايت تي

معجزو آڻين (تہ آڻي انهن کي ڏيکار!) ۽ جيڪڏهن الله گهري ها تہ ضرور مڙني کي هدايت تي گڏ ڪري ها پوءِ اڻ ڄاڻن

فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ ﴿٣٥﴾ اِنَّمَا يَسْتَجِيْبُ الَّذِيْنَ يَسْمَعُوْنَ ؕ

پوءِ نہ ٿجانءِ تون اڻ ڄاڻن مان. رڳو مڃيندا تو کي اهي جيڪي ٻڌن ٿا،

مان نہ ٿج! جيڪي (حق طلبيندڙ ٿي حقي ڳالهه کي) ٻڌندا آهن سي ئي (اسلام جي دعوت) قبول ڪندا آهن (انهن کي الله هدايت ڪندو آهي)

وَالْمَوْتٰى يَبْعَثُهُمُ اللّٰهُ ثُمَّ اِلَيْهِ يُرْجَعُوْنَ ﴿٣٦﴾ ؗ وَقَالُوْا لَوْلَا نُزِّلَ

۽ مُئلن کي اٿاريندو الله پوءِ ان ڏانهن موٽايا ويندا. ۽ چون ٿا ڇو نہ لاٿي وئي

۽ مُئلن (يعني ڪافرن) کي الله قيامت جي ڏينهن اٿاريندو وري ڏانهنس موٽايا ويندا. ۽ چون ٿا تہ سندس پالڻهار

عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ قُلْ اِنَّ اللّٰهَ قَادِرٌ عَلٰٓى اَنْ يُّنَزِّلَ اٰيَةً وَّ

ان تي ڪا نشاني سندس رب طرفان، چؤ بيشڪ الله قادر آهي جو نازل ڪري ڪا نشاني

وٽان اُن (پيغمبر) تي ڪا نشاني ڇو نہ لاٿي وئي؟ (اي پيغمبر!) ڪين چئو تہ الله نشانيءَ جي لاهڻ تي وسوارو آهي پر

لٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٧﴾ وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي الْاَرْضِ وَلَا طٰٓئِرٍ

پر ڪيترائي انهن جا نہ ٿا ڄاڻن. ۽ ناهي ڪوئي چرندڙ زمين ۾ ۽ نہ ڪوئي پکي جو

منجهانئن گهڻا (ماڻهو) نہ ڄاڻندا آهن. ۽ نڪو زمين ۾ ڪوئي چرندڙ آهي ۽ نڪو پکي آهي جو پنهنجين کنڀڙاتين سان اُڏامي ٿو

يَّطِيْرُ بِجَنَاحَيْهِ اِلَّآ اُمَمٌ اَمْثَالُكُمْ ؕ مَا فَرَّطْنَا فِي الْكِتٰبِ مِنْ شَيْءٍ

اُڏري پنهنجي پرن سان مگر اهي قومون آهن توهان جهڙيون، نہ ڇڏي آهي اسان لکڻ ۾ ڪا بہ شيءِ

پر اوهان جهڙيون ئي قومون آهن، (سڀ) ڪا شيءِ ڪتاب (يعني لوح محفوظ) ۾ لکڻ کان سواءِ نہ ڇڏي سون وري

ثُمَّ اِلٰى رَبِّهِمْ يُحْشَرُوْنَ ﴿٣٨﴾ وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا صُمٌّ وَّبُكْمٌ

پوءِ پنهنجي رب ڏانهن گڏ ڪيا ويندا. ۽ اهي جن ڪوڙو ڪوٺيو اسان جي آيتن کي ٻوڙا ۽ گونگا آهن

پنهنجي پالڻهار ڏانهن گڏ ڪيا ويندا، ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڄاتو سي گونگا ۽ ٻوڙا، اونداهين ۾ (پيل) آهن.

فِي الظُّلُمٰتِ ؕ مَنْ يَّشَاِ اللّٰهُ يُضْلِلْهُ ؕ وَمَنْ يَّشَاْ يَجْعَلْهُ عَلٰى صِرَاطٍ

انڌيري ۾ پيل، جنهن کي گهري الله گمراهہ ڪري ٿو انکي، ۽ جنهن کي گهري تہ ڪري انهيءَ کي رستي

الله جنهن کي گهري تنهن کي ڀُلائيندو آهي، ۽ جنهن کي گهري تنهن کي سڌي واٽ تي بيهڪ ڏيندو آهي.

النصف
وقف غفران

وقف منزل

مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٣٩﴾ قُلْ اَرَءَيْتَكُمْ اِنْ اَتٰىكُمْ عَذَابُ اللّٰهِ اَوْ اَتَتْكُمُ السَّاعَةُ

سڌي تي. چؤ خبر ڏيو جيڪڏهن اچي توهان تي عذاب الله جو يا اچي توهان وٽ قيامت

(اي پيغمبرا کين) چئو تہ (اوهين) ڏسو جيڪڏهن الله جو عذاب اوهان کي پهچي يا قيامت اوهان وٽ اچي

اَغَيْرَ اللّٰهِ تَدْعُوْنَ ۚ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٤٠﴾ بَلْ اِيَّاهُ تَدْعُوْنَ

ڇا توهان الله کان سواءِ ٻئي کي سڏيندؤ؟ جيڪڏهن آهيو سچا. بلڪ توهان انهيءَ کي ئي پڪاريندؤ

تہ جيڪڏهن اوهين سچا آهيو تہ الله کان سواءِ ڪنهن کي سڏيندؤ؟ (نہ) بلڪ خاص اُن کي سڏيندا آهيو پوءِ جيڪڏهن گهري

فَيَكْشِفُ مَا تَدْعُوْنَ اِلَيْهِ اِنْ شَآءَ وَتَنْسَوْنَ مَا تُشْرِكُوْنَ ﴿٤١﴾ ع وَلَقَدْ ع ٤ ١٠

پوءِ تاريندو ان(مصيبت)کي سڏيو پيا جنهن لاءِ جي اهو گهري ۽ وساري ڇڏيندؤ جن کي شريڪ ٿا ڪريو. ۽ بيشڪ

تہ جنهن (مصيبت جي لاهڻ) لاءِ اوهين ڪيس سڏيندا آهيو سا لاهي ڇڏي ۽ جنهن کي (الله سان) شريڪ ڪندا آهيو سو (اُنهيءَ مهل) وساريندا آهيو.

اَرْسَلْنَآ اِلٰٓى اُمَمٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَاَخَذْنٰهُمْ بِالْبَاْسَآءِ وَالضَّرَّآءِ لَعَلَّهُمْ

موڪليا سون پنهنجا رسول قومن ڏانهن تو کان اڳي پوءِ ورتو سون انهن کي سختيءَ سان ۽ مصيبت سان تہ جيئن اهي

۽ بيشڪ اسان تو کان اڳ (گهڻين) اُمتن ڏانهن (پيغمبر) موڪليا، پوءِ (اُنهن جي بي فرماني سبب) کين اسان سختيءَ ۽ تڪليف ڏيئي پڪڙيو

يَتَضَرَّعُوْنَ ﴿٤٢﴾ فَلَوْلَآ اِذْ جَآءَهُمْ بَاْسُنَا تَضَرَّعُوْا وَلٰكِنْ قَسَتْ قُلُوْبُهُمْ

نيزاري ڪن. پوءِ جڏهن آيو انهن وٽ عذاب اسان جو تہ ڇو نہ ڪيائون نيزاري پر سخت ٿي ويون دليون انهن جون

تہ مَن اهي زاري ڪن. پوءِ جنهن مهل اسان جو عذاب وٽن پهتو ٿي (تنهن مهل) ڇو نہ ٿي زاري ڪيائون؟ پر سندين دليون سخت ٿي ويون هيون

وَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٤٣﴾ فَلَمَّا نَسُوْا مَا ذُكِّرُوْا بِهٖ

۽ سينگاري ڏنو انهن کي شيطان اهو جو ڪجهہ ڪندا هئا. پوءِ جڏهن وساريائون اهو جو ياد ڏياريو وين

۽ جيڪي ڪم ڪندا هئا سي شيطان اُنهن لاءِ سينگاريا. پوءِ جيڪا نصيحت ڏني وين سا جنهن مهل وساريائون

فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ اَبْوَابَ كُلِّ شَيْءٍ ۗ حَتّٰٓى اِذَا فَرِحُوْا بِمَآ اُوْتُوْٓا

تہ کوليا سون انهن تي دروازا هر شيءِ جا. نيٺ جڏهن ڦونڊجي ويا انهيءَ ڏيڻ تي

(تنهن مهل) مٿن هر شيءِ جا دروازا کولياسون. تان جو جيڪي ڏنو وين تنهن سان جڏهن (چڱيءَ طرح) خوش ٿيا

اَخَذْنٰهُمْ بَغْتَةً فَاِذَا هُمْ مُّبْلِسُوْنَ ﴿٤٤﴾ فَقُطِعَ دَابِرُ الْقَوْمِ الَّذِيْنَ

تہ پڪڙيو سون انهن کي اوچتو پوءِ ان مهل اهي ٿيا نااميد. پوءِ ڪاٽي وئي پاڙ ان قوم جي جن

(تڏهن) کين اوچتو پڪڙيوسون پوءِ اهي اُنهيءَ مهل نااميد ٿيا، پوءِ ظالم قوم جي پاڙ پٽي وئي.

ظَلَمُوْا ۭ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٥﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَخَذَ اللّٰهُ

ظلم ڪيو. ۽ سڀ ساراهہ الله لاءِ جو پالڻهار جهانن جو آهي. (چئو اي نبي!) خبر ڏيو جيڪڏهن ڪسي وٺي الله

۽ سڀ ساراهہ جهانن جي پالڻهار الله کي جڳائي. (اي پيغمبرا کين) چئو تہ، ڏسو تہ جيڪڏهن الله اوهان جا ڪن

سَمْعَكُمْ وَاَبْصَارَكُمْ وَخَتَمَ عَلٰی قُلُوْبِكُمْ مَّنْ اِلٰهٌ غَیْرُ اللّٰهِ

ڪن توهان جا ۽ اکيون توهان جون ۽ مُهر هڻي توهان جي دلين تي ڪير آهي مالڪ الله کان سواءِ

۽ اوهان جون اکيون ڪسي وٺي ۽ اوهان جي دلين تي مهر هڻي ته انهيءَ الله کان سواءِ ڪير ٻيو خدا

یَاْتِیْكُمْ بِهٖ ؕ اُنْظُرْ كَیْفَ نُصَرِّفُ الْاٰیٰتِ ثُمَّ هُمْ یَصْدِفُوْنَ ﴿۴۶﴾

جو آڻي ڏي توهان کي اهي، ڏس ته ڪيئن ٿا ورجايون آيتون پوءِ اهي پاسيرا ٿا وڃن.

اوهان کي اهي ڏيندو؟ ڏس ته ڪهڙا دليل بيان ڪريون ٿا وري به اهي پاسو ڪندا آهن.

قُلْ اَرَءَیْتَكُمْ اِنْ اَتٰىكُمْ عَذَابُ اللّٰهِ بَغْتَةً اَوْ جَهْرَةً هَلْ

تون چؤ خبر ڏيو جيڪڏهن اچي توهان تي عذاب الله جو اوچتو يا ظاهر ته نه

(اي پيغمبر! ڪين) چئو ته، اوهين خبر ڏيو ته جيڪڏهن الله جو عذاب اوچتو يا ظاهر ظهور اوهان کي پهچي

یُهْلَكُ اِلَّا الْقَوْمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۴۷﴾ وَمَا نُرْسِلُ الْمُرْسَلِیْنَ اِلَّا

هلاڪ ڪيا ويندا مگر ماڻهو ظلم ڪندڙ. ۽ نه موڪليندا آهيون اسان پيغمبر مگر

ته ظالم قوم کان سواءِ (ٻيو ڪو) هلاڪ ٿيندو ڇا؟ ۽ پيغمبرن کي خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ

مُبَشِّرِیْنَ وَمُنْذِرِیْنَ ۚ فَمَنْ اٰمَنَ وَاَصْلَحَ فَلَا خَوْفٌ عَلَیْهِمْ

خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري پوءِ جن ايمان آندو ۽ پاڻ سڌاريو پوءِ ناهي ڪو خوف انهن تي

ڪري موڪليوسون پوءِ جن مڃيو ۽ پاڻ سڌاريو تن کي ڪو ڀئو نه آهي ۽ نڪي اهي غمگين ٿيندا.

وَلَا هُمْ یَحْزَنُوْنَ ﴿۴۸﴾ وَالَّذِیْنَ كَذَّبُوْا بِاٰیٰتِنَا یَمَسُّهُمُ الْعَذَابُ

۽ نڪي اهي ڏکارا ٿيندا. ۽ جن ڪوڙو ڪوٺيو اسان جي آيتن کي لڳندي انهن کي سزا

۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڀانيو تن کي انهيءَ سببان جو بدڪاري ڪندا هئا عذاب پهچندو.

بِمَا كَانُوْا یَفْسُقُوْنَ ﴿۴۹﴾ قُلْ لَّاۤ اَقُوْلُ لَكُمْ عِنْدِیْ خَزَآىِٕنُ اللّٰهِ

هن ڪري ته اهي نافرماني ڪندا هئا. تون چؤ آءٌ ڪونه چوان ٿو توهان کي ته مون وٽ آهن خزانا الله جا

(اي پيغمبر! ڪين) چئو ته (آءٌ) اوهان کي نه ٿو چوان ته مون وٽ الله جا خزانا آهن نڪي (آءٌ) ڳجهه ڄاڻندو آهيان

وَلَاۤ اَعْلَمُ الْغَیْبَ وَلَاۤ اَقُوْلُ لَكُمْ اِنِّیْ مَلَكٌ ۚ اِنْ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا یُوْحٰۤی

۽ ڪونه ڄاڻان ٿو ڳجهه کي ۽ ڪونه چوان ٿو توهان کي ته آءٌ مَلڪ آهيان، رڳو تابع آهيان ان جو جيڪي وحي ٿيو

۽ نڪي اوهان کي چوان ٿو ته آءٌ ملائڪ آهيان، جيڪي مون ڏانهن وحي ڪيو ويندو آهي، تنهن کان سواءِ (ٻئي جي)

اِلَیَّ ؕ قُلْ هَلْ یَسْتَوِی الْاَعْمٰی وَالْبَصِیْرُ ؕ اَفَلَا تَتَفَكَّرُوْنَ ﴿۵۰﴾ ع وَ

مون ڏانهن، چؤ ڇا برابر ٿيندو انڌو ۽ سڄو ڇا پوءِ نه ٿا فڪر ڪريو. ۽

تابعداري نه ڪندو آهيان، چئو ته انڌو ۽ سڄو هڪ جهڙا آهن ڇا؟ پوءِ اوهين ڇو نه فڪر ڪندا آهيو؟

ع ۵ ۹ ۱۱

اَنْذِرْ بِهِ الَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ اَنْ يُّحْشَرُوْٓا اِلٰى رَبِّهِمْ لَيْسَ لَهُمْ

تون خوف ڏيار قرآن سان انهن کي جيڪي ڊڄن ٿا ته گڏ ڪيا ويندا پنهنجي رب وٽ . نه هوندو انهن لاءِ

(اي پيغمبرا) جيڪي (ماڻهو) پنهنجي پالڻهار وٽ گڏ ٿيڻ کان ڊڄندا آهن تن کي هن (قرآن) سان ڊيڄارا

مِّنْ دُوْنِهٖ وَلِيٌّ وَّلَا شَفِيْعٌ لَّعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿٥١﴾ وَلَا تَطْرُدِ الَّذِيْنَ

الله کان سواءِ ڪوئي مددگار ۽ نڪي سفارش ڪرڻ وارو ته من اهي بچي وڃن. ۽ نه تڙ انهن کي جيڪي

الله کان سواءِ اُنهن جو نڪو سنڀاليندڙ ۽ نڪو سفارش ڪندڙ آهي، مَنَ اُهي پرهيزگاري ڪن. ۽ جيڪي

يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَالْعَشِيِّ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَهٗ ؕ مَا عَلَيْكَ

سڏين ٿا پنهنجي رب کي صبح ۽ شام گهُرن ٿا رضامندو انهيءَ جي. ناهي توتي

پنهنجي پالڻهار کي صبح ۽ سانجهيءَ جو سندس رضامندو گهرندڙ ٿي سڏيندا آهن تن کي نه تڙا توتي

مِنْ حِسَابِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ وَّمَا مِنْ حِسَابِكَ عَلَيْهِمْ مِّنْ شَيْءٍ

حساب انهن جي مان ڪجهه به ناهي ۽ حساب تنهنجي مان انهن تي ڪجهه به

سندن ڪجهه به حساب نه آهي ۽ نڪي مٿن تنهنجو ڪجهه به حساب آهي، پوءِ جو اُنهن کي

فَتَطْرُدَهُمْ فَتَكُوْنَ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٥٢﴾ وَكَذٰلِكَ فَتَنَّا بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ

جو تڙين تون انهن کي پوءِ ٿيندين ظالمن مان. ۽ اهڙيءَ طرح آزمايوسون انهن کي هڪ ٻئي سان

تڙيندين ته نامناسب ڪمن ڪندڙن مان ٿيندين. ۽ اهڙيءَ طرح منجهانئن ڪن کي ڪن سان پرکيوسون

لِّيَقُوْلُوْٓا اَهٰٓؤُلَآءِ مَنَّ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنْ بَيْنِنَا ؕ اَلَيْسَ اللّٰهُ بِاَعْلَمَ

جيئن چَون ته ڇا اهي ئي ماڻهو آهن ٿورو ڪيو الله جن تي اسان جي وچان، ڇا ناهي الله چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ

ته چون ته هي اهي آهن جا جن تي اسان منجهان الله احسان ڪيو آهي؟ الله شڪر ڪندڙن کي

بِالشّٰكِرِيْنَ ﴿٥٣﴾ وَاِذَا جَآءَكَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِاٰيٰتِنَا فَقُلْ سَلٰمٌ

شڪر ڪندڙن کي؟ ۽ جڏهن اچن تو وٽ اهي جيڪي ايمان آڻن ٿا اسان جي آيتن تي پوءِ تون چؤ سلام آهي

نه ڄاڻندو آهي ڇا؟ ۽ جيڪي اسان جي آيتن کي مڃيندا آهن سي جڏهن تو وٽ اچن ته (اُنهن کي) چئو السلام عليڪم

عَلَيْكُمْ كَتَبَ رَبُّكُمْ عَلٰى نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ ۙ اَنَّهٗ مَنْ عَمِلَ مِنْكُمْ

توهان تي لکي ڇڏي آهي توهان جي رب پاڻ تي رحمت ته جيڪو به ڪري توهان مان

اوهان جي پالڻهار پاڻ تي پاڻهي لازم ڪئي آهي ته اوهان مان جيڪو بي علميءَ سان

سُوْٓءًا بِجَهَالَةٍ ثُمَّ تَابَ مِنْۢ بَعْدِهٖ وَاَصْلَحَ ۙ فَاَنَّهٗ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٥٤﴾

بڇڙائي جهالت سان پوءِ توبهه ڪري ان کان پوءِ ۽ پاڻ سڌاري پوءِ بيشڪ اهو بخشڻهار مهربان آهي.

ڪا بڇڙائي ڪندو وري ان کان پوءِ توبهه ڪيائين ۽ سڌريو ته اهو (الله) بخشڻهار مهربان آهي.

وَكَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ وَلِتَسْتَبِيْنَ سَبِيْلُ الْمُجْرِمِيْنَ ۟ ع ۵۵
۽ اهڙي طرح كولي بيان كندا آهيون آيتون ۽ جيئن پڌرو ٿئي رستو گنهگارن جو.
۽ اهڙيءَ طرح آيتون بيان كندا آهيون (ته عمل كريو) ۽ (هن لاءِ) ته گنهگارن جو رستو (ماڻهن تي) پڌرو ٿئي.
قُلْ اِنِّيْ نُهِيْتُ اَنْ اَعْبُدَ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ قُلْ
تون چؤ ته آءٌ روكيو ويو آهيان جو پانهپ كريان انهن جي جن كي توهان سڏيو ٿا الله كان سواءِ، چؤ
(اي پيغمبر! كين) چئو ته. الله كان سواءِ جن كي سڏيو ٿا تن جي عبادت كرڻ كان مون كي منع كئي ويئي آهي، ۽ چئو
لَّاۤ اَتَّبِعُ اَهْوَآءَكُمْ ۙ قَدْ ضَلَلْتُ اِذًا وَّمَاۤ اَنَا مِنَ الْمُهْتَدِيْنَ ۵٦
آءٌ نه هلندس توهان جي سڌن تي يقينن گمراهه ٿيندس تڏهن مهل ۽ نه هوندس آءٌ هدايت وارن مان.
ته آءٌ اوهان جي سڌن جي تابعداري نه كندس (نه ته) بيشك اُنهيءَ مهل گمراهه ٿيندس ۽ آءٌ هدايت وارن مان نه هوندس.
قُلْ اِنِّيْ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَكَذَّبْتُمْ بِهٖ ؕ مَا عِنْدِيْ مَا
چؤ بيشك آءٌ ثابتي تي آهيان پنهنجي رب كان ۽ توهان كوڙو كيو آهي انهيءَ كي، ناهي مون وٽ اها شيءِ
چئو ته آءٌ پنهنجي پالڻهار جي پڌري حجت تي آهيان ۽ اوهان اُن كي كوڙ ڀانيو آهي، جنهن شيءِ جي تكڙ كندا آهيو
تَسْتَعْجِلُوْنَ بِهٖ ؕ اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ؕ يَقُصُّ الْحَقَّ وَهُوَ خَيْرُ
تكڙي گهرو ٿا جيكا، اختيار رڳو الله جو آهي، اهو ٻڌائي ٿو حق ۽ اهوئي ڀلو
سا مون وٽ نه آهي، (اهڙو) حكم الله كان سواءِ ٻئي كنهن جي اختيار ۾ نه آهي، اهو سچ كي بيان كندو آهي ۽ اهو
الْفٰصِلِيْنَ ۵۷ قُلْ لَّوْ اَنَّ عِنْدِيْ مَا تَسْتَعْجِلُوْنَ بِهٖ لَقُضِيَ الْاَمْرُ
فيصلو كندڙ آهي. چؤ جيكڏهن هجي ها مون وٽ اها شيءِ تكڙي گهُر كريو ٿا جنهن جي ته ٿي وڃي ها فيصلو
(سڀني) فيصلي كندڙن كان ڀلو آهي. چئو ته. جنهن جي تكڙ كندا آيو سا جيكڏهن مون وٽ هجي ها ته منهنجي ۽
بَيْنِيْ وَبَيْنَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِالظّٰلِمِيْنَ ۵۸ وَعِنْدَهٗ مَفَاتِحُ الْغَيْبِ
منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾، ۽ الله زياده ڄاڻندڙ آهي ظالمن كي. ۽ ان وٽ آهن كنجيون ڳجهه جون
اوهان جي وچ ۾ فيصلو ٿي وڃي ها ۽ الله ظالمن كي چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي. ۽ وٽس ڳجهه جون كنجيون آهن ان (ڳجهه جي كنجين) كي
لَا يَعْلَمُهَاۤ اِلَّا هُوَ ؕ وَيَعْلَمُ مَا فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ ؕ وَمَا تَسْقُطُ مِنْ وَّرَقَةٍ
نه ٿو ڄاڻي تن كي كوئي مگر اهو، ۽ ڄاڻي ٿو جيكي پٽ ۽ درياءَ ۾ آهي، ۽ نه ٿو كري كوئي پن
الله كان سواءِ (ٻيو كير) كونه ڄاڻندو آهي، ۽ جيكي پٽن ۽ دريائن ۾ آهي سو (به اهو) ڄاڻندو آهي، ۽ كوئي پن نه كرندو آهي
اِلَّا يَعْلَمُهَا وَلَا حَبَّةٍ فِيْ ظُلُمٰتِ الْاَرْضِ وَلَا رَطْبٍ وَّلَا يَابِسٍ اِلَّا فِيْ
پر اهو ڄاڻي ٿو انهيءَ كي ۽ نه كوئي داڻو اونداهين زمين جي ۾ ۽ نه آلي شيءِ ۽ نه سكي مگر اها آهي
پر اُن كي اهو ڄاڻندو آهي ۽ نكي كو داڻو زمين جي اونداهين ۾ نكي كا آلي ۽ نكي كا سُكي شيءِ پڌري كتاب ۾

كِتٰبٍ مُّبِيۡنٍ ﴿٥٩﴾ وَهُوَ الَّذِىۡ يَتَوَفّٰٮكُمۡ بِالَّيۡلِ وَيَعۡلَمُ مَا جَرَحۡتُمۡ
دفتر بيان كندڙ ۾، ۽ اهو ئي آهي جو پوروكري ٿو توهان كي رات جو ۽ ڄاڻي ٿو جيكي كيو ٿا
(لكيل) هجڻ كان سواءِ آهي. ۽ اهو (الله) آهي جيكو اوهان كي رات جو (جڻڪ) ماري ٿو ۽ جيكي اوهين ڏينهن جو كمايو ٿا

بِالنَّهَارِ ثُمَّ يَبۡعَثُكُمۡ فِيۡهِ لِيُقۡضٰٓى اَجَلٌ مُّسَمًّى ۚ ثُمَّ اِلَيۡهِ مَرۡجِعُكُمۡ
ڏينهن جو پوءِ اُٿاري ٿو توهان كي ڏينهن جو جيئن پوروٿئي وقت مقرر پوءِ انهيءَ ڏانهن آهي موٽڻ اوهان جو
سو (به) ڄاڻندو آهي وري اوهان كي اُن مان هن لاءِ (جاڳائي) اُٿاريندو آهي ته مقرر ٿيل مدت پوري كرائي وڃي، وري اوهان

ثُمَّ يُنَبِّئُكُمۡ بِمَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ﴿٦٠﴾ ع وَهُوَ الۡقَاهِرُ فَوۡقَ عِبَادِهٖ وَ ع ١٤
پوءِ خبر ڏيندو توهان كي اُن جي جيكي توهان كندا هئا. ۽ اهو ئي غالب آهي پنهنجن ٻانهن تي ۽
(سڀني) جو ڏانهس موٽڻ آهي، وري اوهين جيكي كندا آهيو تنهن جي اوهان كي سُڌ ڏيندو. ۽ اهو پنهنجن ٻانهن تي غالب آهي

يُرۡسِلُ عَلَيۡكُمۡ حَفَظَةً ؕ حَتّٰٓى اِذَا جَآءَ اَحَدَكُمُ الۡمَوۡتُ تَوَفَّتۡهُ
موكلي ٿو توهان تي پهريدار، نيث جڏهن ايندو توهان مان كنهن تي موت پورو كندا انهيءَ كي
۽ اوهان تي پنهنجا نگهبان موكليندو آهي، تان جو جڏهن اوهان منجهان كنهن هك كي موت پهچي تڏهن

رُسُلُنَا وَهُمۡ لَا يُفَرِّطُوۡنَ ﴿٦١﴾ ثُمَّ رُدُّوۡٓا اِلَى اللّٰهِ مَوۡلٰٮهُمُ الۡحَقِّ ؕ اَلَا
قاصد اسان جا ۽ اهي نه گهٽتائي كندا. پوءِ موٽايو ويندن الله پنهنجي مالك سچي ڏانهن، خبردار
اسان جا قاصد (ملائڪ) اُن كي ماريندا آهن ۽ اهي كوتاهي نه كندا آهن. وري (سڀ مئل) سندن سچي ڌڻيءَ الله ڏانهن موٽايا ويندا. خبردار!

لَهُ الۡحُكۡمُ قف وَهُوَ اَسۡرَعُ الۡحٰسِبِيۡنَ ﴿٦٢﴾ قُلۡ مَنۡ يُّنَجِّيۡكُمۡ مِّنۡ
انهيءَ جو ئي حكم آهي، ۽ اهو جلد حساب وٺندڙ آهي. چؤ كير ڇڏائيندو آهي توهان كي
اُن جو حكم (غالب) آهي ۽ اهو جلد حساب وٺندڙ آهي. (اي پيغمبرا) چئو ته، اوهان كي پٽن ۽ دريائن جي اونداهين كان

ظُلُمٰتِ الۡبَرِّ وَالۡبَحۡرِ تَدۡعُوۡنَهٗ تَضَرُّعًا وَّخُفۡيَةً ۚ لَئِنۡ اَنۡجٰٮنَا مِنۡ
اونداهين خشكي ۽ سمنڊ جي كان جڏهن پڪاريندا آهيو اُن كي نيزاري كري ۽ آهستي، ته جيكڏهن ڇڏايائين اسان كي هن
كير ڇڏائيندو آهي (جڏهن) كيس زاريءَ سان ۽ ڳجهو سڏيندا آهيو؟ (۽ چوندا آهيو) ته جيكڏهن اسان كي هن (ڏک) كان

هٰذِهٖ لَنَكُوۡنَنَّ مِنَ الشّٰكِرِيۡنَ ﴿٦٣﴾ قُلِ اللّٰهُ يُنَجِّيۡكُمۡ مِّنۡهَا وَ
مصيبت كان ته ضرور ٿينداسون شكر كندڙن مان. چؤ الله ئي بچائيندو آهي توهان كي انهيءَ كان ۽
(الله) ڇڏايو ته شكر كندڙن مان ضرور ٿينداسون. (اي پيغمبرا كين) چئو ته، الله اوهان كي اُن كان ۽

مِنۡ كُلِّ كَرۡبٍ ثُمَّ اَنۡتُمۡ تُشۡرِكُوۡنَ ﴿٦٤﴾ قُلۡ هُوَ الۡقَادِرُ عَلٰٓى اَنۡ يَّبۡعَثَ
هر تكليف كان وري توهان شريک كندا آهيو. چؤ اهو ئي قادر آهي جو موكلي
سڀ كنهن ڏک كان ڇڏائيندو آهي وري (به) اوهين (اُن سان) شرک كندا آهيو. (اي پيغمبرا) كين چئو ته، اهو (الله)

عَلَيْكُمْ عَذَابًا مِّنْ فَوْقِكُمْ اَوْ مِنْ تَحْتِ اَرْجُلِكُمْ اَوْ يَلْبِسَكُمْ
اوهان تي عذاب مٿان کان يا هيٺان توهان جي پيرن کان يا وچڙائي ڇڏي توهان کي
اوهان تي اوهان جي مٿان يا اوهان جي پيرن جي هيٺان عذاب موڪلڻ لاءِ وسوارو آهي يا اوهان کي ٽولي ٽولي ڪري وچڙائي
شِيَعًا وَّيُذِيْقَ بَعْضَكُمْ بَاْسَ بَعْضٍ ؕ اُنْظُرْ كَيْفَ نُصَرِّفُ
ٽولا ٽولا ڪري ۽ مزو چکائي توهان مان ڪن کي ڪن جي ويڙهه جو، ڏس ته ڪيئن بيان ڪريون ٿا
۽ اوهان مان ڪن کي ڪن جي لڙائيءَ (جو مزو) چکائي، ڏس ته اسين ڪهڙيءَ طرح (طرحين طرحين)
الْاٰيٰتِ لَعَلَّهُمْ يَفْقَهُوْنَ ﴿٦٥﴾ وَكَذَّبَ بِهٖ قَوْمُكَ وَهُوَ الْحَقُّ ؕ قُلْ
آيتون ته من اهي سمجهي وڃن. ۽ ڪوڙو ڪيو انهيءَ کي تنهنجي قوم حالانڪ اهو حق آهي، چؤ
دليل بيان ٿا ڪريون ته مَن اهي سمجهن. ۽ تنهنجي قوم اُن (قرآن) کي ڪوڙ ڀانيو ۽ (حقيقت ڪري) اُهو بلڪل سچ آهي،
لَّسْتُ عَلَيْكُمْ بِوَكِيْلٍ ﴿٦٦﴾ لِكُلِّ نَبَاٍ مُّسْتَقَرٌّ ز وَّسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ﴿٦٧﴾
ناهيان آءٌ توهان جو ذميوار. هر ڳالهه جو وقت مقرر آهي ۽ جلدئي توهان ڄاڻندؤ.
(اي پيغمبر! ڪين) چئو ته (آءٌ) اوهان جو ذميوار نه آهيان. هر هڪ شيءِ لاءِ هڪ وقت مقرر آهي ۽ سگهو ڄاڻندو.
وَاِذَا رَاَيْتَ الَّذِيْنَ يَخُوْضُوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِنَا فَاَعْرِضْ عَنْهُمْ حَتّٰى
۽ جڏهن ڏسين انهن کي ته اجايو بحث ڪن ٿا اسان جي آيتن ۾ پوءِ منهن موڙ انهن کان جيستائين
۽ جيڪي اسان جي آيتن بابت اجايو بحث ڪندا آهن تن کي جڏهن ڏسين ته ايستائين کائڻ منهن موڙ،
يَخُوْضُوْا فِيْ حَدِيْثٍ غَيْرِهٖ ؕ وَاِمَّا يُنْسِيَنَّكَ الشَّيْطٰنُ فَلَا تَقْعُدْ
بحث ڪن ڳالهه ٻيءَ ۾، ۽ جيڪڏهن ڀلائي توکي شيطان ته پوءِ نه ويهه
جيستائين اُن ڌاران ٻي ڪنهن ڳالهه ۾ بحث ڪن، ۽ جيڪڏهن شيطان توکان وسارائي ته ياد اچڻ کان پوءِ
بَعْدَ الذِّكْرٰى مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٦٨﴾ وَمَا عَلَى الَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ مِنْ حِسَابِهِمْ
ياد اچڻ بعد گڏجي قوم ظالمن سان. ۽ ناهي پرهيزگارن مٿان انهن جي حساب مان
ظالم ٽوليءَ سان گڏ نه ويهه. ۽ جيڪي پرهيزگاري ڪندا آهن، تن تي اُنهن (ظالمن) جي
مِّنْ شَيْءٍ وَّلٰكِنْ ذِكْرٰى لَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿٦٩﴾ وَذَرِ
ڪجهه به پر نصيحت ڪرڻي آهي ته مَن اهي ڊڄن. ۽ ڇڏ
حساب جي ڪجهه به (ڇڪتاڻ) نه آهي پر (انهن کي) نصيحت ڪرڻ لازم آهي ته مَن اُهي ڊڄن.۽
الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا دِيْنَهُمْ لَعِبًا وَّلَهْوًا وَّغَرَّتْهُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا وَ
انهن کي جن بڻايو پنهنجي دين کي راند ۽ ٻوگ ۽ ڌوڪو ڏنو کين حياتي دنيا جيءَ ۽
(اي پيغمبر!) جن پنهنجي دين کي راند ۽ تماشو بڻايو آهي ۽ کين دنيا جي حياتيءَ ٺڳيو آهي تن کي ڇڏي ڏي! ۽

ذُكِّرْ بِهٖٓ اَنْ تُبْسَلَ نَفْسٌۢ بِمَا كَسَبَتْ ۖ لَيْسَ لَهَا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ
نصيحت ڪر قرآن سان متان ڦاسي پوي ڪو ماڻهو پنهنجي ڪئي سبب، ناهي انهيءَ لاءِ الله ڪان سواءِ
قرآن سان نصيحت ڪر! متان (قيامت جي ڏينهن) ڪوئي پنهنجي ڪئي جي سببان (هلاڪت ۾) ڦاسي. الله ڪان سواءِ ان جو

وَلِيٌّ وَّلَا شَفِيْعٌ ۚ وَاِنْ تَعْدِلْ كُلَّ عَدْلٍ لَّا يُؤْخَذْ مِنْهَا ۗ اُولٰٓئِكَ
ڪوئي مددگار ۽ نڪي سفارش وارو، ۽ جيڪڏهن عوض ڀري ڏئي پوري طرح ته نه ورتو ويندو ان ڪان، اهي ئي آهن
نه ڪو مددگار ۽ نه ڪو سفارش ڪندڙ آهي، ۽ جيڪڏهن سيڪا شيءِ عيوض ڏيندو ته ڪانئس نه ورتو ويندو. اهي اهي آهن

الَّذِيْنَ اُبْسِلُوْا بِمَا كَسَبُوْا ۚ لَهُمْ شَرَابٌ مِّنْ حَمِيْمٍ وَّعَذَابٌ اَلِيْمٌۢ
جيڪي پڪڙجي ويا هن ڪري جو ڪمايائون، انهن لاءِ آهي پاڻي ڪوسو ۽ عذاب دردناڪ
جو جيڪي ڪيائون تنهن سببان (هلاڪت ۾) ڦاسي ويا انهن لاءِ ٽهڪندڙ پاڻيءَ مان پيئڻ ۽ ڏکوئيندڙ عذاب

بِمَا كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ ﴿٧٠﴾ قُلْ اَنَدْعُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنْفَعُنَا وَ ع ١٤
جو هئا ڪفر ڪندا. چؤ ڇا سڏيون اسين الله ڪان سواءِ ان کي جو نه فائدو ڏئي ٿو اسان کي ۽ نه
انهي ڪري آهي جو ڪفر ڪندا هئا. (اي پيغمبر! ڪين) چئو ته الله ڪان سواءِ اهڙي کي سڏيون ڇا جيڪو اسان کي نه ڪي سک ڏيندو آهي ۽

لَا يَضُرُّنَا وَنُرَدُّ عَلٰٓى اَعْقَابِنَا بَعْدَ اِذْ هَدٰىنَا اللّٰهُ كَالَّذِى اسْتَهْوَتْهُ
نقصان ڏئي ٿو اسان کي ۽ اسين ڦيريا وڃون پنهنجن ڪڙين تي ان ڪان پوءِ جڏهن هدايت ڪئي اسان کي الله، انهيءَ ماڻهو وانگر گمراهه ڪيو جنهن کي
نڪي ڪي ڏک ڏيندو آهي؟ ۽ انهيءَ ڪان پوءِ جو الله اسان کي هدايت ڪئي انهيءَ وانگر پنهنجين ڪڙين (پريون) تي موٽايا وڃون ڇا؟ جنهن کي

الشَّيٰطِيْنُ فِى الْاَرْضِ حَيْرَانَ ۖ لَهٗٓ اَصْحٰبٌ يَّدْعُوْنَهٗٓ
شيطانن برپٽ ۾ پريشان ڪري حالانڪ ان جا سنگتي سڏين ٿا ان کي
شيطانن جهنگ ۾ ڀلائي ڇڏيو هجي اهو حيران پيو ڦري سندس ڪي دوست هجن جي ان کي سڌي رستي ڏانهن پيا سڏين

اِلَى الْهُدَى ائْتِنَا ۗ قُلْ اِنَّ هُدَى اللّٰهِ هُوَ الْهُدٰى ۗ وَاُمِرْنَا لِنُسْلِمَ
سڌي رستي ڏانهن ته اچ اسان ڏانهن، چؤ بيشڪ هدايت الله جي اهائي هدايت آهي، ۽ حڪم ٿيو آهي اسان کي ته مڃيون
ته اسان ڏانهن اچ (۽ اهو اچي ئي نه). (اي پيغمبر! ڪين) چئو ته يقينن الله جي ڏسيل واٽ اهائي سڌي واٽ آهي ۽ اسان کي حڪم ڏنو ويو

لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٧١﴾ وَاَنْ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاتَّقُوْهُ ۗ وَهُوَ الَّذِىٓ اِلَيْهِ
پروردگار عالم کي. ۽ هي ب ته قائم رکو نماز ۽ ڊڄو ان ڪان، ۽ اهو ئي آهي جنهن ڏانهن
آهي ته جهانن جي پالڻهار جي فرمانبرداري ڪريون. ۽ (هيءُ ب حڪم ڏنو ويو آهي) ته نماز پڙهو ۽ ڪانئس ڊڄو ۽ اهو (الله) آهي جنهن ڏانهن

تُحْشَرُوْنَ ﴿٧٢﴾ وَهُوَ الَّذِىْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ ۗ وَيَوْمَ
گڏ ڪيا ويندؤ. ۽ اهو ئي آهي جنهن خلقيو آسمان ۽ زمين کي پوري طرح، ۽ جنهن ڏينهن
اٿاريا ويندؤ. ۽ اهو ئي آهي جنهن آسمان ۽ زمين کي رٿ سان بڻايو آهي. ۽ جنهن ڏينهن (قيامت لاءِ)

يَقُوۡلُ كُنۡ فَيَكُوۡنُ ؕ قَوۡلُهُ الۡحَقُّ ؕ وَلَهُ الۡمُلۡكُ يَوۡمَ يُنۡفَخُ فِي الصُّوۡرِ ؕ

چوندو "ٿيءُ" تہ ٿي پوندو. ڳالهہ ان جي سچي آهي، ۽ انهيءَ جي ئي بادشاهي آهي جنهن ڏينهن ڦوڪ ڏني ويندي قرناءِ ۾،

چوندو تہ ٿيءُ تہ ٿي پوندي، سندس ڳالهہ سچي آهي، ۽ جنهن ڏينهن صور ۾ ڦوڪيو ويندو (تنهن ڏينهن) رڳو ان جي بادشاهي آهي

عٰلِمُ الۡغَيۡبِ وَالشَّهَادَةِ ؕ وَهُوَ الۡحَكِيۡمُ الۡخَبِيۡرُ ﴿٧٣﴾ وَاِذۡ قَالَ اِبۡرٰهِيۡمُ

اهو ڄاڻندڙ ڳجهہ ۽ ظاهر جو، ۽ اهو ئي حڪمت وارو خبروارو آهي. ۽ ياد ڪر جڏهن چيو ابراهيم

ڳجهہ ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ آهي، ۽ اهو حڪمت وارو خبردار آهي. ۽ (ياد ڪر) جڏهن ابراهيم پنهنجي پيءُ آزر کي

لِاَبِيۡهِ اٰزَرَ اَتَتَّخِذُ اَصۡنَامًا اٰلِهَةً ۚ اِنِّيۡۤ اَرٰىكَ وَقَوۡمَكَ فِيۡ ضَلٰلٍ

پنهنجي پيءُ آزر کي ڇا تون بڻائين ٿو بتن کي خدا، بيشڪ آءٌ ڏسان ٿو توکي ۽ تنهنجي قوم کي گمراهي

چيو تہ بتن کي خدا ڪري ڇو ٿو وٺين؟ آءٌ توکي ۽ تنهنجي قوم کي بيشڪ پڌري گمراهيءَ ۾ ڏسان ٿو.

مُّبِيۡنٍ ﴿٧٤﴾ وَكَذٰلِكَ نُرِيۡۤ اِبۡرٰهِيۡمَ مَلَكُوۡتَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَلِيَكُوۡنَ

پڌري ۾. ۽ ائين ئي ڏيکاريون پيا ابراهيم کي بادشاهي آسمانن ۽ زمين جي ۽ جيئن تہ هجي

۽ اهڙيءَ طرح ابراهيم کي آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي ڏيکاري سون ٿي (هن لاءِ) تہ (اهو) يقين ڪندڙن مان ٿئي.

مِنَ الۡمُوۡقِنِيۡنَ ﴿٧٥﴾ فَلَمَّا جَنَّ عَلَيۡهِ الَّيۡلُ رَاٰ كَوۡكَبًا ۚ قَالَ هٰذَا رَبِّيۡ ۚ

يقين وارن مان. پوءِ جڏهن ڍڪيو انهيءَ کي رات ڏٺائين تارو، چيائين هي منهنجو رب آهي؟

پوءِ جنهن مهل رات مٿس اونداهي ڪئي (تنهن مهل آسمان ۾) هڪ تارو ڏٺائين، چيائين، هيءُ منهنجو پالڻهار آهي،

فَلَمَّاۤ اَفَلَ قَالَ لَاۤ اُحِبُّ الۡاٰفِلِيۡنَ ﴿٧٦﴾ فَلَمَّا رَاَ الۡقَمَرَ بَازِغًا قَالَ هٰذَا

پوءِ جڏهن لهي ويو چيائين آءٌ نہ ٿو چاهيان لهي ويندڙن کي. پوءِ جڏهن ڏٺائين چنڊ کي چمڪندي چيائين هي

پوءِ جنهن مهل (اهو) لٿو (تنهن مهل) چيائين تہ لهندڙن کي پيارو نہ ٿو رکان. پوءِ جنهن مهل چنڊ کي چمڪندڙ ڏٺائين (تنهن مهل) چيائين تہ

رَبِّيۡ ۚ فَلَمَّاۤ اَفَلَ قَالَ لَئِنۡ لَّمۡ يَهۡدِنِيۡ رَبِّيۡ لَاَكُوۡنَنَّ

منهنجو رب آهي؟ پوءِ جڏهن لهي ويو چيائين يقينن جيڪڏهن نہ هدايت ڪري ها مونکي منهنجو رب تہ هوندس ها

هيءُ منهنجو پالڻهار آهي، پوءِ جنهن مهل لٿو (تنهن مهل) چيائين تہ جيڪڏهن منهنجو پالڻهار مون کي هدايت نہ ڪندو تہ آءٌ ضرور

مِنَ الۡقَوۡمِ الضَّاۤلِّيۡنَ ﴿٧٧﴾ فَلَمَّا رَاَ الشَّمۡسَ بَازِغَةً قَالَ هٰذَا رَبِّيۡ هٰذَاۤ اَكۡبَرُ ۚ فَلَمَّاۤ

گمراهن مان، پوءِ جڏهن ڏٺائين سج اڀرندي چيائين هيءُ منهنجو رب آهي هي گهڻو وڏو آهي، پوءِ جڏهن

گمراهہ قوم مان ٿيندس! پوءِ جنهن مهل سج کي چمڪندڙ ڏٺائين (تنهن مهل) چيائين تہ هيءُ منهنجو پالڻهار آهي (جو) هيءُ وڏو آهي، پوءِ

اَفَلَتۡ قَالَ يٰقَوۡمِ اِنِّيۡ بَرِيۡٓءٌ مِّمَّا تُشۡرِكُوۡنَ ﴿٧٨﴾ اِنِّيۡ وَجَّهۡتُ وَجۡهِيَ

لهي ويو چيائين اي منهنجي قوم بيشڪ آءٌ بيزار آهيان انهن کان جن کي توهان شريڪ ٿا بڻايو. بيشڪ مون ڪيو منهن پنهنجو

جنهن مهل لٿو تہ چيائين تہ اي منهنجي قوم! جن کي (اوهين خدا سان) شريڪ بڻائيندا آهيو تن کان آءٌ بيزار آهيان. مون (سڀني کان) هڪ طرفو ٿي

لِلَّذِیْ فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ حَنِیْفًا وَّمَآ اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِیْنَ ۚ ﴿۷۹﴾ وَ
انهيءَ لاءِ جنهن پيدا ڪيو آسمانن ۽ زمين کي هڪ طرفو ٿي ۽ نہ آهيان آئون مشرڪن مان. ۽
پنهنجي مهاڙ کي انهيءَ الله ڏانهن سامهون ڪيو آهي، جنهن آسمانن ۽ زمين کي بڻايو آهي ۽ مشرڪن مان نہ آهيان. ۽

حَآجَّهٗ قَوْمُهٗ ؕ قَالَ اَتُحَآجُّوْٓنِّیْ فِی اللّٰهِ وَقَدْ هَدٰىنِ ؕ وَلَآ اَخَافُ
تڪرار ڪيو ان سان سندس قوم، چيائين ڇا مون سان جهڳڙو ٿا ڪريو الله ۾ حالانڪ هدايت ڪيائين مونکي، ۽ نہ ٿو ڊڄان مون
سندس قوم ساڻس تڪرار ڪيو، چيائين تہ (اوهين) الله بابت مون سان هن حالت ۾ ڇو ٿا تڪرار ڪريو جو بيشڪ مون کي سڌي رستي لاتو اٿس؟

مَا تُشْرِكُوْنَ بِهٖٓ اِلَّآ اَنْ یَّشَآءَ رَبِّیْ شَیْـًٔا ؕ وَسِعَ رَبِّیْ كُلَّ شَیْءٍ عِلْمًا ؕ
انهن کان جن کي شريڪ ٿا بڻايو مگر جيڪي گهري منهنجو رب، سمايو آهي منهنجي رب هر شيءِ کي علم ۾.
۽ جنهن کي ساڻس شريڪ ڪريو ٿا تنهن کان ڪين ڊڄندس پر منهنجي پالڻهار جو ڪجهہ (ڪرڻ) گهريو (سو ٿيڻو آهي). سڀ ڪا شيءِ منهنجي

اَفَلَا تَتَذَكَّرُوْنَ ﴿۸۰﴾ وَكَیْفَ اَخَافُ مَآ اَشْرَكْتُمْ وَلَا تَخَافُوْنَ اَنَّكُمْ
ڇا پوءِ نہ ٿا نصيحت وٺو؟ ۽ ڪيئن آءٌ ڊڄندس توهان جي شريڪن کان ۽ نہ ٿا ڊڄو توهان جو
پالڻهار جي علم ۾ سمائي آهي. پوءِ اوهين ڇو نہ نصيحت مڃيندا آهيو؟ ۽ جنهن کي (الله سان) شريڪ ڪريو ٿا تنهن کان ڪيئن ڊڄندس ۽ (اوهين) هن

اَشْرَكْتُمْ بِاللّٰهِ مَا لَمْ یُنَزِّلْ بِهٖ عَلَیْكُمْ سُلْطٰنًا ؕ فَاَیُّ الْفَرِیْقَیْنِ
شريڪ ڪيو اٿو الله سان ان کي جنهن جو نہ لاٿائين توهان تي ڪو دليل، پوءِ ڪهڙو ٻنهي ٽولن مان
کان نہ ٿا ڊڄو جو اوهين الله ساڻ اهو شريڪ ڪندا آهيو جنهن جي اوهان وٽ ڪا حجت لاٿل نہ آهي، جيڪڏهن اوهين

اَحَقُّ بِالْاَمْنِ ۚ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۸۱﴾ اَلَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَلَمْ یَلْبِسُوْٓا وقف لازم
حقدار آهي امن جو، جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا. جن ماڻهن ايمان آندو ۽ نہ ملايائون
ڄاڻندا آهيو (تہ ٻڌايو تہ) ٻنهي ٽولين مان ڪهڙي، امن جي وڌيڪ حقدار آهي؟. جن ايمان آندو ۽ پنهنجي ايمان کي ڪفر سان

اِیْمَانَهُمْ بِظُلْمٍ اُولٰٓىِٕكَ لَهُمُ الْاَمْنُ وَهُمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿۸۲﴾ ع وَتِلْكَ ع ۹ ۱۲ ۱۵
پنهنجو ايمان شرڪ سان انهن لاءِ ئي امن آهي ۽ اهي ئي هدايت وارا آهن. ۽ اها
نہ وچڙايو انهن لاءِ امن آهي ۽ اهي هدايت وارا آهن. ۽ هي اسان جو دليل آهي جو ابراهيم کي

حُجَّتُنَآ اٰتَیْنٰهَآ اِبْرٰهِیْمَ عَلٰى قَوْمِهٖ ؕ نَرْفَعُ دَرَجٰتٍ مَّنْ نَّشَآءُ ؕ اِنَّ
اسان جي حجت آهي ڏاڍيسون ابراهيم کي سندس قوم تي، مٿي ڪريون ٿا درجا جنهن جا گهرون، بيشڪ
سندس قوم تي (مقابلي لاءِ) ڏنوسون، جنهن کي گهرندا آهيون تنهن کي درجن ۾ مٿاهون ڪندا آهيون. بيشڪ

رَبَّكَ حَكِیْمٌ عَلِیْمٌ ﴿۸۳﴾ وَوَهَبْنَا لَهٗٓ اِسْحٰقَ وَیَعْقُوْبَ ؕ كُلًّا هَدَیْنَا ۚ
تنهنجو رب حڪمت وارو علم وارو آهي. ۽ بخشيوسون ان کي اسحاق ۽ يعقوب، سڀني کي هدايت ڪئي سون
تنهنجو پالڻهار حڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي. ۽ ابراهيم کي اسحاق ۽ يعقوب عطا ڪيوسون. سڀني کي هدايت ڪئي سون.

وَنُوحًا هَدَيْنَا مِن قَبْلُ وَمِن ذُرِّيَّتِهِ دَاوُودَ وَسُلَيْمَانَ وَأَيُّوبَ

۽ نوح کي هدايت ڪئي سون اڳ ۾ ۽ انهيءَ جي اولاد مان دائود ۽ سليمان ۽ ايوب

۽ (اُن کان) اڳ نوح کي هدايت ڪئي سون ۽ سندس اولاد مان دائود کي ۽ سليمان ۽ ايوب

وَيُوسُفَ وَمُوسَىٰ وَهَارُونَ ۚ وَكَذَٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِينَ ﴿٨٤﴾ وَزَكَرِيَّا

۽ يوسف ۽ موسيٰ ۽ هارون کي، ۽ اهڙيءَ طرح بدلو ڏيندا آهيون ڀلارن کي. ۽ زڪريا

۽ يوسف ۽ موسيٰ ۽ هارون کي (هدايت ڪئي سون)، ۽ اهڙيءَ طرح اسين ڀلارن کي بدلو ڏيندا آهيون. ۽ زڪريا

وَيَحْيَىٰ وَعِيسَىٰ وَإِلْيَاسَ ۖ كُلٌّ مِّنَ الصَّالِحِينَ ﴿٨٥﴾ وَإِسْمَاعِيلَ وَالْيَسَعَ

۽ يحيٰ ۽ عيسيٰ ۽ الياس کي، اهي سڀ صالحن مان هئا. ۽ اسماعيل ۽ يسع

۽ يحيٰ ۽ عيسيٰ ۽ الياس کي به، جو هر هڪ ڀلارن مان هو. ۽ اسماعيل ۽ يسع ۽ يونس ۽ لوط کي به.

وَيُونُسَ وَلُوطًا ۚ وَكُلًّا فَضَّلْنَا عَلَى الْعَالَمِينَ ﴿٨٦﴾ وَمِنْ آبَائِهِمْ وَ

۽ يونس ۽ لوط کي، ۽ سڀني کي ڀلارپ ڏني سون جهان وارن تي. ۽ انهن جي ابن ڏاڏن ۽

۽ سڀني کي جڳ (جي رهندڙن) تي فضيلت ڏني سون. ۽ سندن پيئرن، ڏاڏن ۽ سندن اولاد

ذُرِّيَّاتِهِمْ وَإِخْوَانِهِمْ ۖ وَاجْتَبَيْنَاهُمْ وَهَدَيْنَاهُمْ إِلَىٰ صِرَاطٍ مُّسْتَقِيمٍ ﴿٨٧﴾

سندن اولاد ۽ سندن برادران مان ڪن کي، ۽ چونڊيو سون انهن کي ۽ هدايت ڪئي سون انهن کي رستي سڌي ڏانهن.

۽ سندن ڀائرن مان به، ۽ ڪين سڳورو ڪيوسون ۽ ڪين سڌي وات ڏانهن هدايت ڪئي سون.

ذَٰلِكَ هُدَى اللَّهِ يَهْدِي بِهِ مَن يَشَاءُ مِنْ عِبَادِهِ ۚ وَلَوْ أَشْرَكُوا

اهو رستو الله جو آهي هلائي ٿو ان تي جنهن کي گهري پنهنجن ٻانهن مان، ۽ جيڪڏهن شرڪ ڪن ها

اها الله جي هدايت آهي پنهنجن ٻانهن مان جنهن لاءِ گهري تنهن کي اُن سان رستي لائي ۽ جيڪڏهن (اهي ماڻهو)

لَحَبِطَ عَنْهُم مَّا كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿٨٨﴾ أُولَٰئِكَ الَّذِينَ آتَيْنَاهُمُ الْكِتَابَ

ته ضرور ضايع ٿئي ها انهن کان جيڪي ڪمايائون. اهي اهي ٿي آهن جن کي ڏنوسون ڪتاب

شرڪ ڪن ها ته جيڪي ڪمايائون سو ڪانئن ضرور ناس ٿئي ها. اهي اُهي آهن جن کي ڪتاب ۽ حڪمت ۽ پيغمبري ڏني سون

وَالْحُكْمَ وَالنُّبُوَّةَ ۚ فَإِن يَكْفُرْ بِهَا هَٰؤُلَاءِ فَقَدْ وَكَّلْنَا بِهَا قَوْمًا

۽ شريعت ۽ نبوت، پوءِ جيڪڏهن ڪفر ڪندا ان جو مڪي وارا ته پوءِ مقرر ڪيا اٿئون انهن لاءِ ٻيا ماڻهو

پوءِ جيڪڏهن هي ماڻهو اُن (قرآن جي ڳالهين) کي نه مڃين ته بيشڪ اسان هڪ قوم کي مقرر ڪيو آهي جو

لَّيْسُوا بِهَا بِكَافِرِينَ ﴿٨٩﴾ أُولَٰئِكَ الَّذِينَ هَدَى اللَّهُ ۖ فَبِهُدَاهُمُ

جيڪي نه هوندا ان جو انڪار ڪندڙ. اهي آهن جن کي هدايت ڪئي الله پوءِ انهن جي طريقي تي

اُن (قرآن جي ڳالهين) جا انڪار ڪندڙ نه ٿيندا. اهي اُهي آهن جن کي الله هدايت ڪئي آهي پوءِ تون به سندن طريقي تي

اقْتَدِهْ ؕ قُلْ لَّاۤ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ اَجْرًا ؕ اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٰى لِلْعٰلَمِيْنَ ۹۰ ع ١٢/١٤

تون بہ هلُ. چؤ. مون نہ توکهران توهان کان ان تي کامزدوري. ناهي اهو مگر يادڏيارڻ جهان وارن لاءِ.

پيروي کر! چئو تہ. اوهان کان اُن (پيغام پهچائڻ) تي کو اجورو نہ ٿو گهران. اهو قرآن خاص جهان (وارن) لاءِ نصيحت آهي.

وَمَا قَدَرُوا اللّٰهَ حَقَّ قَدْرِهٖۤ اِذْ قَالُوْا مَاۤ اَنْزَلَ اللّٰهُ عَلٰى بَشَرٍ

۽ نہ قدر کيائون الله جو سندس شان آهر جڏهن چيائون ناهي لاٿو الله ڪنهن انسان تي

۽ انهن (يهودين) الله جو سندس شانَ موافق قدر (جيئن ڪيس جڳائي تيئن) نہ ڪيو هن ڪري جو چيائون تہ الله ڪنهن ماڻهو

مِّنْ شَيْءٍ ؕ قُلْ مَنْ اَنْزَلَ الْكِتٰبَ الَّذِيْ جَآءَ بِهٖ مُوْسٰى نُوْرًا وَّ

ڪجهہ بہ. تون چؤ ڪنهن لاٿو اهو ڪتاب جو آندو ان کي موسيٰ نور ۽

تي ڪجهہ نہ لاٿو آهي. (اي پيغمبر! ڪين) چئو تہ. اهو ڪتاب ڪنهن لاٿو جيڪو موسيٰ آندو هو؟ جو ماڻهن لاءِ نور ۽

هُدًى لِّلنَّاسِ تَجْعَلُوْنَهٗ قَرَاطِيْسَ تُبْدُوْنَهَا وَتُخْفُوْنَ كَثِيْرًا ۚ

هدايت ڪري ماڻهن لاءِ ڪريو ٿا جنهن کي ورقن ۾ ظاهر ڪريو ٿا انهن کي ۽ لڪايو ٿا گهڻن کي.

هدايت هو جنهن کي اوهين جزءَ جزءَ ڪريو ٿا ان (جي ڪنهن ڀاڱي) کي پڌرو ڪندا آهيو ۽ گهڻو لڪائيندا آهيو

وَعُلِّمْتُمْ مَّا لَمْ تَعْلَمُوْۤا اَنْتُمْ وَلَاۤ اٰبَآؤُكُمْ ؕ قُلِ اللّٰهُ ۙ ثُمَّ ذَرْهُمْ فِيْ

۽ سيکاريو ويو توهان کي جيڪي نہ ڄاڻندا هئا توهان ۽ نڪي ابا ڏاڏا توهان جا. چؤ الله لاٿو بس ڇڏ انهن کي سندن

۽ جيڪي (ڳالهيون) نہ ڪي اوهين ۽ نہ ڪي اوهان جا پيءُ ڏاڏا ڄاڻندا هئا سي اوهان کي سيکاريون ويون. چئو تہ الله (ڪتاب لاٿو آهي) وري

خَوْضِهِمْ يَلْعَبُوْنَ ۹۱ وَهٰذَا كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ مُبٰرَكٌ مُّصَدِّقُ الَّذِيْ

ڇيڙ ڇاڙ ۾ پيا کيڏن. ۽ هي قرآن آهي جو لاٿو سون برڪت وارو سچو ڪندڙ ان کي

انهن کي سندن اجائي بحث ۾ راند ڪندو ڇڏي ڏي. ۽ هيءُ ڪتاب برڪت وارو آهي. ان کي جيڪي (ڪتاب) ان کان اڳ آهن تن کي

بَيْنَ يَدَيْهِ وَلِتُنْذِرَ اُمَّ الْقُرٰى وَمَنْ حَوْلَهَا ؕ وَالَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ

جيڪو آهي ان کان اڳ ۾ ۽ جيئن تون ڊيڄارين مکي وارن کي ۽ ان جي آس پاس کي. ۽ جيڪي مڃين ٿا

سچو ڪندڙ ڪري لاٿوسون هن لاءِ تہ (تون) مکي وارن ۽ سندس آس پاس وارن کي ڊيڄارين ۽ جيڪي آخرت کي مڃيندا آهن

بِالْاٰخِرَةِ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَهُمْ عَلٰى صَلَاتِهِمْ يُحَافِظُوْنَ ۹۲ وَمَنْ

آخرت کي اهي مڃين ٿا پڙ انهي کي ۽ اهي پنهنجي نماز تي پابند آهن. ۽ ڪير

سي ان (قرآن) کي مڃيندا آهن ۽ اهي پنهنجن نمازن جي سنڀال ڪندا آهن. ۽ ان کان وڌيڪ ظالم

اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ قَالَ اُوْحِيَ اِلَيَّ وَلَمْ يُوْحَ

وڌو ظالم آهي انهيءَ کان جو ناهي الله تي ڪوڙ يا چوي وحي ٿيو آهي مون ڏانهن حالانڪ نہ وحي ٿيو

ڪير آهي. جيڪو الله تي ڪوڙو ناهہ ناهي يا چوي تہ مون ڏانهن وحي ڪيو ويو آهي ۽ ڏانهس ڪجهہ بہ

اِلَيْهِ شَيْءٌ وَّمَنْ قَالَ سَاُنْزِلُ مِثْلَ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ ؕ وَلَوْ تَرٰٓى اِذِ
ان ڏي ڪجهه ۽ اهو چوي ته اجهو مان به نازل ڪيان ٿو جهڙو نازل ڪيو آهي الله، ۽ جيڪر ڏسين ها جڏهن
وحي نه ڪيو ويو هجي يا چوي ته جيئن الله (ڪتاب) نازل ڪيو آهي تيئن آءٌ (به ڪتاب) نازل ڪندس. ۽ (اي پيغمبرا) جيڪڏهن ڏسين
الظّٰلِمُوْنَ فِيْ غَمَرٰتِ الْمَوْتِ وَالْمَلٰٓئِكَةُ بَاسِطُوْٓا اَيْدِيْهِمْ ۚ اَخْرِجُوْٓا
ظالم هوندا سختين موت جي ۾ ۽ ملائڪ وڌائيندا هٿ پنهنجا، ته ڪيو ٻاهر
(ته جيڪر عجب لڳيئي) جڏهن ظالم موت جي سڪراتن ۾ هوندا ۽ ملائڪ پنهنجن هٿن کي ڊگهو ڪندا (۽ چوندا) ته پنهنجن ساهن کي
اَنْفُسَكُمْ ؕ اَلْيَوْمَ تُجْزَوْنَ عَذَابَ الْهُوْنِ بِمَا كُنْتُمْ تَقُوْلُوْنَ
ساهه پنهنجا اڄ توهان کي بدلو ڏنو ويندو عذاب ذلت جو ان ڪري جو توهان چوندا هئا
ٻاهر ڪڍو! اڄ اوهان کي خواريءَ واري عذاب جي سزا اِنهيءَ سببان ڏني ويندي جو اوهين الله تي ناحق (ڳالهيون)
عَلَى اللّٰهِ غَيْرَ الْحَقِّ وَكُنْتُمْ عَنْ اٰيٰتِهٖ تَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٩٣﴾ وَلَقَدْ جِئْتُمُوْنَا
الله لاءِ غلط ڳالهيون ۽ هيُو ان جي آيتن کان وڏائي ڪندا. ۽ هينئر آيا آهيو اسان وٽ
چوندا هيَو ۽ سندس آيتن کان وڏائي ڪندا هيَو. ۽ بيشڪ اسان وٽ (ائين) هڪ هڪ ٿي آئيُو جيئن اوهان کي
فُرَادٰى كَمَا خَلَقْنٰكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّتَرَكْتُمْ مَّا خَوَّلْنٰكُمْ وَرَآءَ ظُهُوْرِكُمْ ۚ
اڪيلا جيئن پيدا ڪيو سون توهان کي پهرين ڀيري ۽ ڇڏي آيا آهيو جيڪي ڏنو سون توهان کي پويان پٺين پنهنجي،
پهرين ڀيري پيدا ڪيو هوسون ۽ جيڪي اوهان کي عطا ڪيو هوسون سو اوهان پنهنجين پٺين پوئتان ڇڏي ڏنو
وَمَا نَرٰى مَعَكُمْ شُفَعَآءَكُمُ الَّذِيْنَ زَعَمْتُمْ اَنَّهُمْ فِيْكُمْ شُرَكٰٓؤُا ؕ
۽ نه ٿا ڏسون توهان سان گڏ سفارشي توهان جا جن کي توهان ڀائيندا هئا ته اهي اوهان ۾ اسان سان ڀائيوار آهن،
۽ اوهان جا سفارش ڪندڙ اوهان سان گڏ نه ٿا ڏسون جن کي اوهين پنهنجن (احتياجن پوري ڪرڻ) ۾ (الله سان) شريڪ
لَقَدْ تَّقَطَّعَ بَيْنَكُمْ وَضَلَّ عَنْكُمْ مَّا كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ ﴿٩٤﴾ ع اِنَّ اللّٰهَ فَالِقُ ع ١٢
هينئر ڇڇي ويا توهان جا پاڻ ۾ لاڳاپا ۽ گم ٿيا توهان کان جن کي توهان ڀائيندا هئا. بيشڪ الله ڦاٽائيندڙ آهي
ڀائيندا هيَو. بيشڪ اوهان جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو ڇنو ۽ جن کي اوهين ڀائيندا هيَو سي اوهان کان ڀلجي ويا. ڀڪ الله
الْحَبِّ وَالنَّوٰى ؕ يُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَمُخْرِجُ الْمَيِّتِ مِنَ الْحَيِّ ؕ
داڻن ۽ ککڙين کي، ڪڍي ٿو جيئري کي مئل کان ۽ ڪڍندڙ آهي مُئل کي جيئري مان،
ٻج ۽ ککڙي کي ڦاٽائيندڙ آهي، مئي مان جيئرو ڪڍندڙ آهي ۽ جيئري مان مئو ڪڍندڙ آهي،
ذٰلِكُمُ اللّٰهُ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ﴿٩٥﴾ فَالِقُ الْاِصْبَاحِ ۚ وَجَعَلَ الَّيْلَ سَكَنًا
اهوئي اٿو الله پوءِ ڪاڏي ٿا ڪوڙ تي ڪاهيا وڃو. ڦاٽائيندڙ پرهه کي ۽ ڪيائين رات کي آرام لاءِ
اِهو (ئي) الله آهي، پوءِ اوهين ڪيڏانهن ڀلايا ويندا آهيو؟ پرهه کي ڦاٽائيندڙ آهي ۽ رات کي آرام ۽ سج ۽ چنڊ کي

وَّالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ حُسْبَانًا ؕ ذٰلِكَ تَقْدِيْرُ الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ ﴿٩٦﴾ وَهُوَ

۽ سج ۽ چنڊ کي ڳاڻاٽي لاءِ، اهو انداز آهي زبردست علم واري جو. ۽ اهي

(وقتن جي) حساب لاءِ (پيدا) ڪيائين، اهو اندازو (الله) زبردست ڄاڻندڙ ٺاهيو آهي. ۽ اهو (الله) آهي

الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ النُّجُوْمَ لِتَهْتَدُوْا بِهَا فِيْ ظُلُمٰتِ الْبَرِّ وَالْبَحْرِ ؕ

ئي ٺاهيا اوهان لاءِ ستارا جيئن رستو وٺو انهن سان اونداهين برپٽ ۽ سمنڊ جي ۾.

جنهن تارن کي اوهان لاءِ هن ڪري (پيدا) ڪيو تہ پٽن ۽ دريائن جي اونداهين ۾ ساڻن واٽون لهو.

قَدْ فَصَّلْنَا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿٩٧﴾ وَهُوَ الَّذِيْٓ اَنْشَاَكُمْ مِّنْ

اسان کولي پڌايون آهن آيتون انهن ماڻهن کي جيڪي ڄاڻ رکن ٿا. ۽ هي اهوئي آهي جنهن پيدا ڪيو اوهان کي

بيشڪ ڄاڻندڙ قوم لاءِ نشانيون (کولي) بيان ڪيون سون. ۽ اهو (الله) آهي جنهن اوهان کي هڪ جان مان پيدا ڪيو

نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ فَمُسْتَقَرٌّ وَّمُسْتَوْدَعٌ ؕ قَدْ فَصَّلْنَا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ

هڪ جٿي مان پوءِ ڪٿي ڪنهن جو قرار ۽ ڪٿي رهي امانت ۾، اسان کولي پڌايون آهن ڳالهيون انهن ماڻهن لاءِ

پوءِ (اوهان لاءِ) ٽڪڻ جو هنڌ ۽ سانڍڻ جي جاءِ ڪيائين، بيشڪ سمجهندڙ ٽوليءَ لاءِ نشانيون (کولي) بيان ڪيون سون.

يَّفْقَهُوْنَ ﴿٩٨﴾ وَهُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً ۚ فَاَخْرَجْنَا بِهٖ نَبَاتَ

جيڪي سمجهه رکن ٿا. ۽ اهوئي آهي جنهن لاٿو آسمان کان پاڻي، پوءِ پيدا ڪياسون ان سان سلا

۽ اهو (الله) آهي جنهن آسمان مان پاڻي وسايو، پوءِ اُن سان هر شيءِ جا سلا ڄمايا سون

كُلِّ شَيْءٍ فَاَخْرَجْنَا مِنْهُ خَضِرًا نُّخْرِجُ مِنْهُ حَبًّا مُّتَرَاكِبًا ۚ

هر شيءِ جا پوءِ ڪڍي سون ان مان ساوڪ ڪڍون ٿا جنهن مان ڪڻا هڪٻئي تي چڙهيل

پوءِ اُن مان ساوڪ کي ڪڍيوسون پوءِ منجهانئس (سنگن ۾) گڏيل داڻا ڪڍون ٿا ۽

وَمِنَ النَّخْلِ مِنْ طَلْعِهَا قِنْوَانٌ دَانِيَةٌ وَّجَنّٰتٍ مِّنْ اَعْنَابٍ

۽ کجين مان انهن جي سپڙين مان ڇڳا لڙڪندڙ ۽ باغ انگورن جا

کجين جي ڇوڙن مان گوشا لڙڪيل ۽ انگورن ۽ زيتونن ۽ ڏاڙهن جا

وَّالزَّيْتُوْنَ وَالرُّمَّانَ مُشْتَبِهًا وَّغَيْرَ مُتَشَابِهٍ ؕ اُنْظُرُوْٓا اِلٰى ثَمَرِهٖٓ

۽ زيتون ۽ ڏاڙهون هڪ ٻئي جهڙا ۽ جدا جدا، نظر ڪريو ان جي ڦر ڏانهن

باغ هڪ ٻئي جهڙا ۽ ڌار ڌار قسم جا (پيدا ڪياسون)، جڏهن ڦرجن تہ سندن ڦر ۽ اُن جي

اِذَآ اَثْمَرَ وَيَنْعِهٖ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكُمْ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٩٩﴾ وَجَعَلُوْا

جڏهن ڦرڏئي ۽ پچڻ ڏانهن، بيشڪ ان ۾ آهي نشانيون ماڻهن ايمان وارن لاءِ. ۽ بڻايائون

پچڻ ڏانهن نهاريو ڇو تہ ان ۾ مڃيندڙ ٽولي لاءِ ضرور نشانيون آهن. ۽ (ڪافرن) جن کي الله سان

لِلّٰهِ شُرَكَآءَ الْجِنَّ وَخَلَقَهُمْ وَخَرَقُوْا لَهٗ بَنِيْنَ وَبَنٰتٍۢ بِغَيْرِ عِلْمٍ ؕ
الله لاءِ شريڪ جنن کي حالانڪ ان پيدا ڪيو آهي انهن کي ۽ گهڙيائون انهيءَ لاءِ پٽ ۽ ڌيئون بي وقوفيءَ سان.
شريڪ بڻايو آهي هن هوندي جو ڪين (الله) خلقيو آهي ۽ اُن لاءِ بي علميءَ سان پٽ ۽ ڌيئرون ٺاهيون اٿن
سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿۱۰۰﴾ ع بَدِيْعُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ اَنّٰى
اهو پاڪ آهي ۽ مٿاهون آهي ان کان جيڪي چون ٿا. اهو پيدا ڪندڙ آسمانن ۽ زمين جو آهي ڪٿان
اهو پاڪ آهي ۽ جيڪي بيان ڪندا آهن تنهن کان مٿاهون آهي. آسمانن ۽ زمين جو (بي مثال) بڻائيندڙ آهي، ڪيئن
يَكُوْنُ لَهٗ وَلَدٌ وَّلَمْ تَكُنْ لَّهٗ صَاحِبَةٌ ؕ وَخَلَقَ كُلَّ شَيْءٍ ۚ وَهُوَ
ٿيندو انهيءَ کي پٽ ۽ نه آهي ان کي زال، ۽ پيدا ڪيائين هر شيءِ ۽ اهو ئي
اولاد ڪيئن ٿيندو؟ ۽ هو ڏانهن ڪيس زال ئي نه آهي ۽ سڀ ڪا شيءِ (پاڻ) خلقيائين ۽ اهو سڀ ڪنهن شيءِ کي
بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۱۰۱﴾ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ خَالِقُ
هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. اهو اِهو الله پاليندڙ توهان جو، ناهي ڪوئي عبادت جي لائق سواءِ ان جي پيدا ڪندڙ
ڄاڻندڙ آهي. اهو اوهان جو پالڻهار آهي، اُن کان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نه آهي، سڀ ڪنهن شيءِ کي پيدا
كُلِّ شَيْءٍ فَاعْبُدُوْهُ ۚ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ وَّكِيْلٌ ﴿۱۰۲﴾ لَا تُدْرِكُهُ
هر شيءِ جو پوءِ عبادت ڪريو انهيءَ جي، ۽ اهو ئي هر شيءِ کي سنڀاليندڙ آهي. نه ٿيون پهچن ان کي
ڪندڙ آهي تنهن ڪري سندس عبادت ڪريو ۽ اهو سڀ ڪنهن شيءِ کي سنڀاليندڙ آهي. (دنيا ۾) اکيون
الْاَبْصَارُ ز وَهُوَ يُدْرِكُ الْاَبْصَارَ ۚ وَهُوَ اللَّطِيْفُ الْخَبِيْرُ ﴿۱۰۳﴾ قَدْ
نگاهون، ۽ اهو ڏسي ٿو نظرن کي، ۽ اهو ئي لطيف خبير آهي. بيشڪ
ڪيس ڏسي نه سگهنديون ۽ اهو اکين کي ڏسندو آهي ۽ اهو باريڪ بين خبر رکندڙ آهي. بيشڪ
جَآءَكُمْ بَصَآئِرُ مِنْ رَّبِّكُمْ ۚ فَمَنْ اَبْصَرَ فَلِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ عَمِيَ
آيون توهان وٽ سمجهاڻيون توهان جي رب کان، پوءِ جيڪو سمجهندو ته پاڻ لاءِ، ۽ جيڪو انڌو ٿيندو
اوهان جي پالڻهار کان اوهان وٽ نشان آيا آهن پوءِ جنهن ڏٺو (يعني سمجهيو) تنهن پاڻ لاءِ (نفعو ڪمايو) ۽ جيڪو انڌو ٿيو
فَعَلَيْهَا ؕ وَمَآ اَنَا عَلَيْكُمْ بِحَفِيْظٍ ﴿۱۰۴﴾ وَكَذٰلِكَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ وَ
ته پاڻ تي، ۽ ناهيان آءٌ توهان جو نگهبان. ۽ اهڙيءَ طرح ورائي آڻيون ٿا آيتون ۽
تنهن تي (اُن جو نقصان) آهي، ۽ (اي پيغمبر! ڪين چئو ته) آءٌ اوهان تي نگهبان نه آهيان. ۽ اهڙيءَ طرح طرحين طرحين دليل بيان
لِيَقُوْلُوْا دَرَسْتَ وَلِنُبَيِّنَهٗ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿۱۰۵﴾ اِتَّبِعْ مَآ اُوْحِيَ
جيئن چون ته تون پڙهيو آهين ۽ جيئن بيان ڪريون ان کي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي سمجهن ٿا. تون هل ان تي جيڪي حڪم ٿيو
ڪريون ٿا ۽ هن لاءِ ته متان (ڪافر) چون ته تون پڙهيو آهين ۽ هن لاءِ ته هن (دين) کي اُنهيءَ قوم لاءِ پڌرو ڪريون جي ڄاڻن ٿا. (اي پيغمبر!) جيڪي

اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ وَاَعْرِضْ عَنِ الْمُشْرِكِيْنَ ١٠٦ وَ
تو ڏانهن تنهنجي رب کان، ڪوئي ناهي معبود مگر اهو ئي، ۽ منهن موڙ مشرڪن کان. ۽
تنهنجي پالڻهار وٽان تو ڏانهن وحي ڪيو ويو آهي، تنهن جي تابعداري ڪر ان کان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نه آهي، ۽ مشرڪن کان منهن موڙ. ۽
لَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَآ اَشْرَكُوْا ۗ وَمَا جَعَلْنٰكَ عَلَيْهِمْ حَفِيْظًا ۚ وَمَآ اَنْتَ
جيڪڏهن گهري ها الله ته ڪونه ڪن ها شرڪ، ۽ نه ڪيو سون توکي انهن تي نگهبان، ۽ نه آهين تون
جيڪڏهن الله گهري ها ته شرڪ نه ڪن ها! ۽ توکي مٿن نگهبان نه ڪيو اٿئون، ۽ نه ڪي تون
عَلَيْهِمْ بِوَكِيْلٍ ١٠٧ وَلَا تَسُبُّوا الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ
انهن تي سنڀاليندڙ. ۽ نه بروڳالهايو انهن کي پڪارن ٿا جن کي الله کان سواءِ
مٿن ڪو نظر ڪندڙ آهين. (اي مسلمانو!) جن کي (مشرڪ) الله کان سواءِ سڏيندا آهن تن کي گاريون نه ڏيو
فَيَسُبُّوا اللّٰهَ عَدْوًا ۢ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۗ كَذٰلِكَ زَيَّنَّا لِكُلِّ اُمَّةٍ عَمَلَهُمْ ۖ
پوءِ اهي ڳالهائيندا الله کي ڏوڙي بنا سمجهه جي، اهڙي طرح سينگاريا سون هر قوم لاءِ سندن ڪم
(جو) متان (اهي) بي سمجهائي جي ڪري دشمنيءَ کان الله کي ڳالهائين، اهڙيءَ طرح هر امت لاءِ سندن عمل سينگارياسون
ثُمَّ اِلٰى رَبِّهِمْ مَّرْجِعُهُمْ فَيُنَبِّئُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ١٠٨ وَ
پوءِ سندن رب ڏانهن آهي موٽڻ انهن جو پوءِ ٻڌائيندن جيڪي ڪندا هئا. ۽
وري سندن پالڻهار ڏانهن سندن موٽڻ آهي پوءِ جيڪو ڪندا آهن تنهن جي کين سُڌ ڏيندو. ۽
اَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ لَئِنْ جَآءَتْهُمْ اٰيَةٌ لَّيُؤْمِنُنَّ
قسم کنيائون الله جو سخت ڪندي پنهنجي قسمن کي ته جيڪڏهن آئي وٽن ڪا نشاني ته ضرور مڃيندا
ڪافر پنهنجن سخت سنهن سان الله جو قسم کڻندا آهن ته وٽن جيڪڏهن ڪو معجزو اچي ته ان کي ضرور مڃيندا
بِهَا ۗ قُلْ اِنَّمَا الْاٰيٰتُ عِنْدَ اللّٰهِ وَمَا يُشْعِرُكُمْ ۙ اَنَّهَآ اِذَا جَآءَتْ
ان کي، چؤ ته رڳو نشانيون آهن الله وٽ ۽ ڇا خبر توهان کي ته اهي نشانيون جڏهن اچن به اهي
چئو ته، معجزا ته (خاص) الله وٽ آهن (اي مسلمانو!) اوهان کي ڪنهن سمجهايو آهي ته اهي
لَا يُؤْمِنُوْنَ ١٠٩ وَنُقَلِّبُ اَفْـِٕدَتَهُمْ وَاَبْصَارَهُمْ كَمَا لَمْ
نه مڃيندا. ۽ ڦيري ڇڏيندا سون انهن جي دلين ۽ انهن جي اکين کي جئن جو نه
(مڃيندا؟ بلڪ) جڏهن آيا ته (به) نه مڃيندا؟ ۽ سندين دلين کي ۽ سندين اکين کي ڦيرائيندا سون
يُؤْمِنُوْا بِهٖٓ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّنَذَرُهُمْ فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ١١٠ ع ٣ ١٩
مڃيائون ان کي پهرين ڀيري ۽ ڇڏيون ٿا هنن کي سندن گمراهيءَ ۾ پيا ڀٽڪر ڪائن.
جيئن ان کي پهرين ڀيري نه مڃيائون ۽ کين سندن گمراهيءَ ۾ حيران ٿيل ڇڏيندا سون.

